REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 22 فيبروري 2024 ع بمطابق 11 شعبان المعظم 1445 ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 268

ملڪ کي سياسي ۽ معاشي بحران مان آصف زرداري ۽ پيپلز پارٽي ئي ڪڍي سگهي ٿي: نثار کهڙو

آصف علي زرداري جي ملڪ جي صدر ٿيڻ سان نئين اين ايف سي ايوارڊ جي جاري ٿيڻ جو رستو هموار ٿيندو ۽ 18 هين ترميم تحت صوبائي خودمختياري جي ٻين رهيل شقن تي پڻ عمل درآمد ڪرايو ويندو

معاشي ۽ سياسي بحران مان صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي ئي ڪڍي سگهي ٿي، ان جي صدر ٿيڻ سان پارليامينٽ ۽ نيون ايندڙ حڪومتون پنهنجي 5 سالن وارو آئيني مدو پورو ڪنديون

نئون اين ايف سي ايوارڊ جاري ڪيو ويندو جنهن تحت صوبن جو حصو وڌايو ويندو ڇاڪاڻ ته آئيني طور تي اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو ته وڌائي سگهجي ٿو پر گهٽائي نه ٿو سگهجي

صوبائي خودمختياري تحت صوبن کي وڌيڪ معاشي طور مضبوط بڻايو ويندو. ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي کان پوءِ جيڪي وزارتون وفاق کان صوبن ڏانهن منتقل نه ڪيون ويون انهن وزارتن کي صوبن ڏانهن منتقل ڪيو ويندو

18 هين ترميم جي خالق آصف علي زرداري جي اها ڪوشش هوندي ته 18 هين ترميم تي من وعن عمل ڪرائجي ته جيئن ملڪ ۾ جمهوري ۽ سياسي استحڪام پيدا ٿئي ۽ جمهوريت وڌيڪ مضبوط ٿئي

وفاق ۾ ڪنهن به جماعت کي اڪثريت نه ملڻ سان ڪا به جماعت اڪيلي سر حڪومت نه ٿي ٺاهي سگهي ان لاءِ پيپلز پارٽيءَ پارليامينٽ ۽ اسيمبلين کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ جمهوري ڪردار ادا ڪيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر سينيٽر نثار کهڙو چيو آهي ته آصف علي زرداري جي ملڪ جي صدر ٿيڻ سان نئين اين ايف سي ايوارڊ جي جاري ٿيڻ جو رستو هموار ٿيندو ۽ اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو وڌائڻ سميت 18 هين ترميم تحت صوبائي خودمختياري جي ٻين رهيل شقن تي پڻ عمل درآمد ڪرايو ويندو. نثار کهڙي آصف علي زرداريءَ جي صدر مملڪت جو اميدوار نامزد ٿيڻ تي کيس مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته ملڪ کي پيش ايندڙ معاشي ۽ سياسي بحران مان صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي ئي ڪڍي سگهي ٿي، آصف علي زرداري جي صدر ٿيڻ سان پارليامينٽ ۽ نيون ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڊرائنگ روم ۾ ويهاري عهدا ورهائڻا هئا ته چونڊون ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

هاڻ ته انٽرنيٽ هلي رهي آهي، حڪومت سيڪيورٽي خدشن کي ڏسندي اهو قدم کنيو. انٽرنيٽ سروس جي بندش سان ملڪ ۾ امن امان جو ڪو مسئلو نه ٿيو: پي ٽي اي جو وڪيل

ماڻهو سمجهدار ٿي ويا آهن، ماڻهن کي سڀ خبر آهي ته ڪير ڇا ڪرائي رهيو آهي، پريشر ڪُڪر جي هلڪي سيٽي وڄي ٿي ته ان کي وڃڻ ڏيو، ائين نه ٿئي جو سيٽي بند ڪرڻ تي پريشر ڪڪر جيان سڀ ڦاٽي پئي: چيف جسٽس

صدر ڪير ٿيندو، وزيراعظم ڪير ٿيندو، گورنر شپ ڪنهن کي ڏني ويندي، جيڪڏهن ائين ڪرڻو هو ته چونڊون ڇو ڪرايون ويون، ڊرائنگ روم ۾ ويهاري عهدا ورهائڻا هئا

چونڊون ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هن چيو ماشاالله توهان طاقتور ماڻهو آهيو، جهڙي پلاننگ ڪندا آهيو ائين ڪري ڇڏيندا آهيو، انٽرنيٽ بند ڪري دنيا ۾ پنهنجو تماشو ڇو بڻائي رهيا آهيو

ائين لڳي ٿو ته عدالتون ۽ سڀ ادارا بي وس ٿي ويا آهن، ملڪ ڪير هلائي رهيو آهي؟ (چيف جسٽس) وفاقي حڪومت کان اليڪشن واري ڏينهن انٽرنيٽ بندش جا سبب طلب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سوشل ميڊيا ۽ انٽرنيٽ بندش جي ڪيس ۾ ريمارڪس ڏنا آهن ته جهڙيون چونڊون ٿيون آهن، ماشاالله سڄي دنيا تعريف ڪري رهي آهي، جيڪڏهن ڊرائنگ روم ۾ ويهاري عهدا ورهائڻا هئا ته چونڊون ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جي بندش خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي، ان دوران پي ٽي اي جي وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پنجاب ۾ خدمت جا نوان رڪارڊ قائم ڪنداسين: مريم نواز

پنجاب جي عوام نواز ليگ کي واضح مينڊيٽ ڏنو. پنجاب جي عوام جا ٿورا مڃان ٿي

وڏي انگ ۾ نوجوان ايم پي ايز اسيمبلي ۾ آيا، مان چوندس نتيجن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن به آرام ناهي ڪيو

پنجاب جي پهرين عورت وزيراعليٰ جو اعزاز تمام وڏو آهي، شهباز شريف ترقي جي اسپيڊ کي برقرار رکيو

لاهور (م ڊ) ن ليگ طرفان پنجاب جي نامزد وزير اعليٰ مريم نواز 5 سالن جو منصوبو پيش ڪندي چيو آهي ته صوبي ۾ خدمت جو بنياد نواز شريف رکيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر لاءِ مجتبيٰ شجاع الرحمان جي نالي تي اتفاق ٿي ويو

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ(ن) پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر لاءِ مجتبيٰ شجاع الرحمان جي نالي تي اتفاق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: نواز ليگ جي نائب صدر مريم نواز پنجاب جي پارلياماني ڪميٽي اجلاس جي صدارت ڪندي

سپريم ڪورٽ عام چونڊون ڪالعدم قرار ڏيڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي

بچاءَ واري وزارت ذريعي ڪيس نوٽيس موڪليو ويو، پر علي خان گهر ۾ نه هيو: ايڊيشنل اٽارني جنرل

درخواستگذار علي خان رٽائرڊ برگيڊيئر آهي، جنهن جو 2012 ع ۾ ڪورٽ مارشل به ٿيو هو، ساڻس رابطو نه ٿي سگهيو آهي

رياست ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ته جنهن شخص جو ڪورٽ مارشل ٿيو آهي اهو برگيڊيئر جو رينڪ استعمال نه ڪري: عدالتي حڪم

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ 8 فيبروري تي ٿيل عام چونڊون ڪالعدم قرار ڏيڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي. چيف جسٽس، جسٽس قاضي فائزعيسيٰ جي سربراهي ۾ جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس مسرت هلالي تي ٻڌل ٽي رڪني بئنچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نواز ليگ جو پنجاب جي پارلياماني پارٽي جو اجلاس، 218 ميمبرن جي شرڪت

مريم نواز جي سربراهي ۾ جاتي عمرا ۾ اجلاس ۾ نون چونڊيل پنجاب اسيمبلي ميمبرن جي شرڪت

اجلاس ۾ ليگي ميمبرن سميت آزاد ميمبر به شريڪ ٿيا، مخصوص سيٽن لاءِ نامزد ميمبر به اجلاس ۾ شامل هئا

لاهور (م ڊ) ن ليگ طرفان پنجاب جي نامزد وزيراعليٰ مريم نواز جي صدارت هيٺ پنجاب پارلياماني پارٽي جو پهريون اجلاس ٿيو مريم نواز جي سربراهي ۾ جاتي عمرا ۾ پارلياماني پارٽي جي اجلاس ۾ نون چونڊيل پنجاب اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عمران خان کي پوئتي هٽي 3 سال انتظار ڪرڻ جي آڇ ڪئي وئي: بيرسٽر گوهر

پي ٽي آءِ ڪنهن به گڏيل حڪومت جو حصو نه بڻجندي، نه ئي ان جي حمايت ڪري رهي آهي

اسان جو حڪومت سازي جي حوالي سان چٽو موقف آهي، اسان سمجهون ٿا ته اسان وٽ عوام جو مينڊيٽ آهي

اسان 29 فيبروري تي پارليامينٽ ويندا سين، اتي ويهنداسين، پنهنجي اڪثريت لاءِ ڪوشش ڪنداسين

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر علي خان چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان کي پوئتي هٽڻ جو چيو ويو، کيس 3 سال انتظار ڪرڻ جي آڇ ڪئي وئي، هن ڪلهه به ٻاهر وڃڻ جو ذڪر نه ڪيو نجي ٽي وي چينل سان ڳالهيون ڪندي هن واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ ڪنهن به گڏيل حڪومت جو حصو نه بڻجندي، نه ئي ان جي حمايت ڪري رهي آهي. گڏيل حڪومت جي ضرورت ان وقت پوندي آهي جڏهن اسان وٽ مينڊيٽ نه هجي. بيرسٽر گوهر چيو ته اسان جو حڪومت سازي جي حوالي سان چٽو موقف آهي. اسان سمجهون ٿا ته اسان وٽ عوام جو مينڊيٽ آهي. پي ٽي آءِ کي هن وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: صدر عارف علوي دوست ملڪن جي ٽريننگ تي آيل آفيسرن سان گروپ فوٽو ۾

ڪراچي ۾ 200 کان مٿي گهڻ ماڙ عمارتن جي اڏاوت ناقص متيريل ۽ بنا رٿابندي ٿيڻ جو انڪشاف

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪراچي ۾ گهڻ ماڙ عمارتن ۾ باهه لڳڻ جي واقعن بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

آءِ چندريگر روڊ، خالد بن وليد روڊ ۽ شاهراهه فيصل تي 200 کان وڌيڪ عمارتن جو معائنو ڪيو ويو: ڪي ايم سي

عمارتن ۾ فائر فائٽرز سسٽم، هنگامي طور نڪرڻ جا در ۽ ٻيا انتظام ناهن، اين او سي جاري ڪندي ڪي ايم سي کان به راءِ نه ورتي وئي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 200 کان وڌيڪ عمارتن جي معائني بابت رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪراچي ۾ گهڻ ماڙ عمارتن ۾ باهه لڳڻ جي واقعن بابت ڪيس جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

گم ٿيل بلوچ شاگردن وارو معاملو، ٽن حساس ادارن جي سربراهن تي ٻڌل ڪميٽي قائم

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني پاران بلوچ شاگردن جي بازيابي لاءِ درخواست تي ٻڌڻي

ڊي جي آءِ ايس آءِ، ڊي جي ايم آءِ ۽ ڊي جي آءِ بي تي مشتمل ڪميٽي ٺاهي وئي آهي: حڪم نامو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جبري گم ٿيل بلوچ شاگردن جي ڪيس ۾ ٽن ڳجهن ادارن جي ڊائريڪٽرز جنرلز (ڊي جيز) تي ٻڌل ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني گمشده بلوچ شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سرڪاري آفيسرن خلاف مهم، ڪابينا جي آءِ ٽي جوڙڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اعليٰ سطحي جي آءِ ٽي 5 ميمبرن تي ٻڌل هوندي، ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل ايف آءِ اي سربراهه هوندو

جي آءِ ٽي ۾ آءِ ايس آءِ ۽ آءِ بي جا آفيسر، 20 هين گريڊ جا پي ٽي اي ۽ نادرا آفيسر به ٽيم ۾ شامل هوندا

آفيسرن کي بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جي آءِ ٽي ذميوارن جو پتو لڳائي ڪيس داخل ڪرڻ جي سفارش ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينا اليڪشن ڪميشن ۽ سرڪاري آفيسرن خلاف سوشل ميڊيا مهم هلائڻ تي جي آءِ ٽي جوڙڻ جي منظوري ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

44سيڪڙو پاڪستاني پنهنجي مالي حالت سبب پريشان آهن: سروي

ڪراچي (رپورٽر) هڪ سروي رپورٽ موجب 44 سيڪڙو پاڪستاني پنهنجي مالي حالت سبب پريشان آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ميثاق پاڪستان ڪنونشن
خوش آمديد
اسلام آباد: وزيراعظم جو معاون حافظ طاهر اشرفي پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سان آمريڪي وفد ملاقات ڪندي

پ پ پنجاب جي گورنر لاءِ ٽن نالن تي غور شروع ڪري ڇڏيو

مخدوم احمد محمود پارٽي قيادت جي پهرين ترجيح هوندو

قمر زمان ڪائرا ۽ نديم افضل چن جا نالا به غور هيٺ آهن: ذريعا

لاهور (م ڊ) پنجاب ۾ گورنر جي عهدي لاءِ امڪاني نالا سامهون اچي ويا، ذريعن موجب پنجاب جي گورنر لاءِ مخدوم احمد محمود، قمر زمان ڪائرا ۽ نديم افضل چن جا نالا غور هيٺ آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته مخدوم احمد محمود پارٽي قيادت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ايم ڪيو ايم کي پهرئين مرحلي ۾ 3 وزارتون ڏيڻ جو امڪان

ايم ڪيو ايم ۽ ن ليگ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور ڪالهه اسلام آباد ۾ ٿيو

سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي، پورٽس اينڊ شپنگ ۽ سمنڊ پار پاڪستانين جي وزارت ملندي

اسلام آباد (م ڊ) ايم ڪيو ايم کي وفاقي ڪابينا ۾ پهرئين مرحلي ۾ 3 وزارتون ڏيڻ جو امڪان آهي، ذريعن موجب ايم ڪيو ايم کي پهرئين مرحلي ۾ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي، پورٽس اينڊ شپنگ ۽ سمنڊ پار پاڪستانين جي وزارت ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

تحريڪ انصاف انٽرا پارٽي چونڊن جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون

پارٽي جي اليڪشن ڪميشن جلد انٽرا پارٽي چونڊن جو شيڊيول جاري ڪندي

چئني صوبن، اسلام آباد ۽ گلگت بلتستان ۾ انٽرا پارٽي چونڊون ٿينديون

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف ايندڙ ٻن هفتن ۾ انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو، ذريعن موجب تحريڪ انصاف انٽرا پارٽي چونڊن جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

حڪومت حياتي بچائيندڙ 146 دوائون مهانگيون ڪري ڇڏيون

ڪينسر، ويڪسين ۽ اينٽي بائيوٽڪ دوائن جا اگهه وڌايا ويا، نوٽيفڪيشن جاري

لسٽ ۾ شامل 116 دوائن جا اگهه فارماسوٽيڪل ڪمپنيون پاڻ وڌائينديون

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي حڪومت حياتي بچائيندڙ 146 دوائن جي اگهن ۾ واڌ ڪري ڇڏي. حڪومت طرفان دوائن جي اگهن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بلوچستان جي وڏ وزارت لاءِ پ پ جو ٽن نالن تي غور

بلاول ڀٽو ۽ آصف زرداري جي صدارت هيٺ اجلاس، حڪومت سازي لاءِ مشاورت

صادق عمراڻي، ثناءُ الله زهري ۽ سرفراز بگٽي جي نالن تي غور ٿيو

اسلام آباد (م ڊ) پ پ بلوچستان ۾ حڪومت سازي لاءِ مشاورت مڪمل ڪري ورتي. ذريعن موجب بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف علي زرداري جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي ٽي آءِ ڪارڪن ميان اسلم کي گرفتار ٿيڻ کان بچائي ورتو!

اسلم اقبال جي گرفتاري لاءِ پنجاب پوليس پشاور پهچي وئي

پنجاب پوليس اسپيڪر هائوس ۾ پاران ڪيس گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

پشاور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) پاران پنجاب جي وڏي وزير جي عهدي لاءِ نامزد ميان اسلم اقبال جي گرفتاري لاءِ پنجاب پوليس پشاور/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سينيٽ چيئرمين لاءِ يوسف رضا گيلاني مضبوط اميدوار

سينيٽ چيئرمين پ پ ۽ ڊپٽي چيئرمين نواز ليگ جو هوندو

قومي اسيمبلي جو اسپيڪر ن ليگ ۽ ڊپٽي اسپيڪر پ پ جو هوندو

اسلام آباد (م ڊ) پ پ قيادت سينيٽ چيئرمين جي نامزدگي لاءِ مشاورت شروع ڪري ڇڏي. گڏيل ڏينهن وفاق ۽ صوبن ۾ حڪومت سازي لاءِ ن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: سينيٽر تاج حيدر اسٽينڊنگ ڪميٽي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪي پي جي گورنر شپ لاءِ پ پ طرفان چار نالا سامهون اچي ويا

فيصل ڪريم ڪنڊي گورنر لاءِ مضبوط اميدوار آهي: ذريعا

شجاع خان، ياور نصير ۽ امجد آفريدي گورنرشپ جي ڊوڙ ۾ شامل

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخوا جي گورنر شپ لاءِ پ پ طرفان چار نالا سامهون اچي ويا. ذريعن موجب، مرڪزي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي، شجاع خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نيتن ياهو يرغمالين جي آزادي لاءِ حماس جا شرط مڃڻ کان انڪاري

گهٽ دٻاءُ آهي ته مقصد حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ جنگ ختم ڪيون: نيتن ياهو

شرط مڃڻ جو مطلب حماس جي سامهون پنهنجي شڪست قبول ڪرڻ آهي

ڪراچي (م ڊ) جنگي جنون ۾ مبتلا اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو يرغمالين جي آزادي لاءِ حماس جا شرط مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي

بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس نعيم اختر افغان کي سپريم ڪورٽ آڻڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس نعيم اختر افغان کي سپريم ڪورٽ ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب 23 فيبروري تي جڊيشل ڪميشن اجلاس ۾ جسٽس نعيم اختر افغان جي مقرري تي غور ٿيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ، جسٽس نعيم اختر افغان کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جا گورنر پيپلز پارٽي جا هوندا: فيصل ڪريم ڪنڊي

پ پ وفاقي ڪابينا جو حصو نه بڻجندي، شهباز شريف جو اختيار آهي ته ڪنهن کي ڪابينا جو حصو بڻائي ٿو

سنڌ ۽ بلوچستان ۾ گورنر مسلم ليگ نواز جا هوندا، سياست ۾ 5 ورهين جو معاهدو لکت ۾ نٿو ٿي سگهي

اڄا ماڻهن جون نظرون بجيٽ ۽ آءِ ايم ايف ۾ آهن، نظر آيو ته حڪومت جي مجبوري آهي ته مدد ڪنداسين

اسلام آباد (م ڊ) پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جا گورنر پيپلز پارٽي جا هوندا، وزيراعظم جو ووٽ ن ليگ کي ڏيندا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي

عدالت سامهون سرينڊر ڪرڻ تي فيصل جاويد جا گرفتاري وارنٽ رد

اسلام آباد (م ڊ) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ صحافي کي ڌمڪي ڏيڻ جي ڪيس ۾ سينيٽر فيصل جاويد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

قومي اسيمبلي ۾ ن ليگ کي 20، پ پ 13، ايم ڪيو ايم کي 5 مخصوص سيٽون ملڻ جو امڪان

نواز ليگ کي قومي اسيمبلي ۾ 16 عورتن ۽ 4 اقليتن جون مخصوص سيٽون ملڻ جو امڪان آهي: ذريعا

پيپلز پارٽي کي 11 عورتن ۽ 2 اقليتن جون مخصوص سيٽون ملڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) 13 سياسي پارٽيون قومي اسيمبلي ۾ مخصوص سيٽن جي ڊوڙ مان ٻاهر ٿي ويون. (ن) ليگ کي 20، پ پ 13، ايم ڪيو ايم کي 5 مخصوص سيٽون ملڻ جو امڪان آهي جڏهن ته پي ٽي آءِ کي 27 مخصوص/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

جج خلاف ڪارروائي شروع ٿي ته استعيفيٰ سان ختم نه ٿيندي: سپريم ڪورٽ

مستعفي جج خلاف ڪارروائي جاري رکڻ يا نه رکڻ جڊيشل ڪائونسل جو اختيار هوندو

جسٽس حسن اظهر رضوي اختلاف ڪيو، تفصيلي سبب پوءِ جاري ڪيا ويندا: جسٽس امين

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ رٽائرڊ يا مستعفي ججن خلاف سپريم جڊيشل ڪائونسل ڪارروائي بابت ڪيس جو مختصر فيصلو ٻڌائي ڇڏيو سپريم ڪورٽ 1-4 جي اڪثريت سان فيصلو ٻڌايو. جسٽس حسن اظهر رضوي اپيل مڃي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مري ۾ برفباري ۽ برسات کان پوءِ سياحن لاءِ اهم هدايتون جاري

صورتحال کي نظر ۾ رکندي سياح سٽي ۽ مڪمل فٽ گاڏي جي چونڊ ڪن: چيف ٽريفڪ آفيسر

برفباري سبب روڊ تي ترڪڻ آهي، سياح گاڏي هلائڻ ۾ احتياط سان ڪم وٺن

ڪوئٽا (رپورٽر) مري ۾ برفباري ۽ برسات کان پوءِ سياحن لاءِ نئين ايڊوائزري جاري ڪئي وئي آهي. ايڊوائزري سٽي ٽريفڪ پوليس راولپنڊي تيمور خان طرفان جاري ڪئي وئي آهي. سي ٽي او راولپنڊي چيو ته برفباري سبب روڊ تي ترڪڻ آهي. سياح/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڊي سي اسلام آباد جي غير مشروط معافي رد، پرڏيهه وڃڻ کان روڪيو ويو

اوهان 970 ڏينهن جي لاءِ 69 ايم پي او آرڊر جاري ڪيا ڇا انهن جا پار نه هئا. انهن کي عمري تي نه وڃڻو هو: جسٽس بابر ستار

هن ڪيس ۾ 18 ٻڌڻيون ٿيون ڪنهن به ٻڌڻي ۾ غير حاضر نه ٿيس، مان عدالتي توهين جو سوچي به نٿو سگهان: ڊي سي اسلام آباد

هڪ ماڻهو اڳ ئي جيل ۾ آهي ان سان ڇا ڪندو؟ ٻيهر ڪيس جيل ۾ وجهندو؟ ايندڙ هفتي فيصلو ڏينداسين: عدالت

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توهين عدالت ڪيس ۾ ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ جي غير مشروط معافي جي استدعا کي رد ڪري ڪيس پرڏيهه وڃڻ کان روڪي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار ڊي سي اسلام آباد جي خلاف توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن سلسلي ۾ ڊي سي اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران جسٽس بابر ستار ڊي سي اسلام آباد کي چيو ته ڇا اوهان سمجهو ٿا ته هي مذاق آهي، اوهان جي خلاف توهين عدالت جو ڪيس هلي رهيو آهي. اوهان 970 ڏينهن جي لاءِ 69 ايم پي او آرڊر جاري ڪيا ڇا انهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عمر سيف اجلاس جي صدارت ڪندي

نواز ليگ جو آخري اقتدار آهي، پوءِ اها پنجاب جي ايم ڪيو ايم بڻجي ويندي: فيصل واوڊا

انهن کي لڳي ٿو ته 8 ڏينهن ۾ مخلوط حڪومت بڻجي ويندي. سياسي ۽ جمهوري طور تي اهي مئل آهن

قوم اوهان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته اوهان ڪتي بيٺل آهيو ۽ اوهان جي اوقات ڇا آهي؟

ڪنڊن جو تاج ن ليگ جي مٿي تي نه، پر ڪرسي تي رکيو ويو ۽ چيو ويو ته انهي تي ويهو

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير فيصل واوڊا چيو آهي ته مسلم ليگ(ن) جو هاڻ شارٽ ٽرم هجڻ گهرجي، پنجاب جي ايم ڪيو ايم (ن) ليگ جو هي آخري اقتدار آهي، پيپلز پارٽي جو پرووجسر ڪٽراهي ۾ آهي، نجي ٽي وي چينل سان ڳالهيون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پاڪستان ۾ نئين حڪومت ٺهڻ اندروني معاملو آهي: آمريڪا

پاڪستان اليڪشن بابت ڌانڌلي جون ويڊيوز ڏٺيون آهن، چاهيون ٿا ته ڌانڌلي ۽ فراڊ جي شفاف جاچ ٿئي

عام چونڊن ۾ مداخلت ۽ ڌانڌلي الزامن جي جاچ پاڪستان جي آئين ۽ قانون موجب ٿيڻ گهرجي

واشنگٽن (م ڊ) پاڪستان ۾ سياسي پارٽين وچ ۾ حڪومت ٺاهڻ واري معاملي تي آمريڪا جو ردعمل به سامهون اچي ويو آهي، آمريڪي راڄڌاني واشنگٽن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر چيو ته پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بلوچستان ۾ اسان سان گڏ حڪومت ٺاهيو: جي يو آءِ جو نواز ليگ سان رابطو

جي يو آءِ ۽ نون ليگ گهٽ ۾ گهٽ بلوچستان ۾ حڪومت ٺاهي سگهن ٿيون: عبدالغفور حيدري

اسان چاهيون پيا ته گڏجي ڪم ڪيون رابطي جي ڪوشش به ڪئي پر اوهان گهڻي دير ڪري ڇڏي: اسحاق ڊار

هاڻي پيپلز پارٽي سان معاهدو ڪري ورتو آهي، ن ليگ بلوچستان ۾ پ پ سان گڏجي حڪومت ٺاهيندي

اسلام آباد (م ڊ) بلوچستان ۾ حڪومت سازي تي مشاورت بابت ن ليگ ۽ جي يو آءِ وفد جي ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي، ٻنهي جماعتن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي اجلاس جي صدارت ڪندي

سينيئر صحافي، تجزيه نگار ۽ ڪالم نگار نذير ناجي لاهور ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

لاهور (م ڊ) سينيئر صحافي، تجزيه نگار ۽ ڪالم نگار نذير ناجي لاهور ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي. نذير ناجي پٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پنائي آباد ۾ جهيڙي دوران مارجي ويل يوسي چيئرمين جي تعزيت لاءِ مرتضيٰ وهاب پهتو

واقعي کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ صابر مگسي مون سان ملاقات ڪري آيو هو، هو انتهائي بهادر ۽ ملڻو جلڻو نوجوان هو: مرتضيٰ وهاب

صابر مگسي جي قتل جو ڪيس سنلس سئوٽ عبدالله جي مدعيت ۾ ملير ڪينٽ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو، جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

سنجراڻي گروپ جي ماڻهن رائفل، پستول، لٺين ۽ لوهي سيخن سان اسان تي حملو ڪري ڏنو، مقتول صابر مگسي واقعي واري هنڌ پهتو ته اڳ جو ته مونکي زخمي اسپتال کڻي وڃن ڏنو، مقتول جو سئوٽ

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) پنائي آباد ۾ جهيڙي دوران مارجي ويل يوسي چيئرمين جي تعزيت لاءِ ڪراچي ميئر مرتضيٰ وهاب پهچي ويو. مقتول صابر مگسي انتهائي بهادر ۽ ملڻو جلڻو نوجوان هو. مرتضيٰ وهاب .قتل جو ڪيس ملير ڪينٽ ٿاڻي تي د/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ملير: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب يوسي چيئرمين جي جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

بچيري ۾ نينگر سان مبينا بدفعلي، معصوم ڪچري جي دير تي ڦٽو ڪيو ويو

بچيري (رپورٽر) بچيري شهر جي علائقي ۾ وحشي جوابدار جي 5 سالن جي نينگر سان مبينا بدفعلي جو واقعو پيش آيو آهي. جڏهن ته جوابدار بدفعلي بعد نينگر کي ڪچري جي دير تي اڇلائي ڇڏيو نينگر جي وارثن جو چوڻ آهي ته انيل اوڏ ٽالي جوابدار اسان جي نينگر سان زيادتي ڪئي آهي نينگر جي وارثن موجب پوليس کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي: آءِ جي سنڌ

آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي ڪچ جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن ۾ يقيني ڪاميابي جي قدمن تي غور ويچار ڪيو ويو

سنڌ ۽ پنجاب جي ڌوراڻهن علائقن مان شهرين کي فريب ۽ لالچ ذريعي هني ٽريپ جو شڪار بڻائڻ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي

سوشل ميڊيا ذريعي سڄي ملڪ مان معصوم شهرين کي نوڪريون، ڪاروبار، رشتا، پئسا ۽ سستي ڪارون وغيره ڏيڻ جو لالچ ڏنو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر ڀهنوار) آءِ جي سنڌ چيو آهي ته ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي، آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي ڪچ جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

SINDH POLICE
ڪراچي: آءِ جي سنڌ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

رهڙڪي لڳ رات دير سان هٿياربندن هٿان 2 نوجوان پورهيت مبينا طور اغوا

رهڙڪي (رپورٽر) رهڙڪي ويجهو رات دير سان هٿياربندن هٿان 2 نوجوان پورهيت مبينا طور اغوا ٿي ويا آهن عامر مهر ۽ عرفان شيخ رهڙڪي کان ڳوٺ وڃي رهيا هئا ته هٿياربندن کين اغوا ڪري ورتو وارثن موجب ڌوهارين جا پيرا ٽڳ شاخ تي لڳا آهن. ڏهرڪي ۽ رائونتي پوليس حدبندي جي تڪرار سبب ڪارروائي نه پئي ڪري وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين ۾ ضلعو بچايو تحريڪ جي گڏجاڻي ٿي گذري

ڦليلي ۾ پاڻي اضافي پاڻي ڪٽي سگهي ٿو ڦليلي جا ڪپر وڌائڻ ۽ پچنگ جي بهاني ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪئي وئي: اڳواڻ

بنا دير جي سکر ڊائون کي وڏائي ڪوٽڙي بيراج کي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي ڏنو وڃي، ڦليلي جي سمورن واهن ۽ شاخن کي پيٽ لاءِ پاڻي ڏنو وڃي

اڪرم واهه مان پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪري ان کي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي ڏنو وڃي، پاڻي چوري ڪندڙ بااثر آبادگارن خلاف بنا دير جي ايف آئي آر داخل ڪئي وڃي: آبادگار

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) ضلعو بچايوتحريڪ جي هڪ اهم گڏجاڻي ڪنوينر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين: ضلعو بچايو تحريڪ جا اڳواڻ اجلاس ڪري رهيا آهن

ايم ڪيو ايم سنڌ جي گورنرشپ تان هٿ نه کڻندي: مصطفيٰ ڪمال

ڪراچي (رپورٽر) متحده اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته ايم ڪيوايم سنڌ جي گورنرشپ تان هٿ نه کڻندي، سنڌ ۾ گورنرشپ ايم ڪيو ايم جو حق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ پوليس مقابلو، ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار، 3 فرار

صالح پٽ ٿاڻي جي حدون پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿي پيو، پوليس هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

مارجي ويل ڌوهاري ڦر، ڌاڙن، پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو: پوليس ترجمان

زخمي گرفتار ڌوهاري جي وڌيڪ ڪرمنل رڪارڊ بابت پوليس ٿاڻن ۽ مختلف ضلعن مان وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪئي پئي وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس مقابلي بعد هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو . هٿيار هٿ، 3 ساٿي فرار، تفصيل موجب صالح پٽ ٿاڻي جي حد بيسي بارو وٽ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿي پيو جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر ۾ سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني جي آڙ ۾ ڪروڙين رپيا هڙپ

من پسند ڪمپني کي پلانٽ کان اڳ ڪروڙين رپين جو ٺيڪو ميونسپل ڪارپوريشن ڏئي ڇڏيو، ڪمپني جو وجود ئي ناهي

ڀرتي ٿيل سوئيپر مسلم ڏينهن بدران رات جي اونداهي ۾ سياستدانن جي گهرن ويجهو روڊن جون صفايون ڪرڻ لڳا

شهر جا مک چوڪ گهنٽا گهر اسٽيشن روڊ، شاهي بازار، غريب آباد، واري تڙ، تير چوڪ ۽ ٻين هنڌن تي ڪچري جا ڍير لڳل آهن

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني جي آڙ ۾ ڪروڙين رپيا هڙپ انتظاميا شهرين کي اکين مرچ وجهي من پسند ڪمپني کي پلانٽ کان اڳ ڪروڙين رپين جو ٺيڪو ميونسپل ڪارپوريشن ڏئي ڇڏيو جنهن ڪمپني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شڪارپور ۾ پوليو جاڳرتا لاءِ سيمينار منعقد ٿي گذريو

5 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا هر مهم ۾ لازمي پيارا وڃن، جيئن ڪو به ٻار هن موذي مرض جو شڪار نه ٿئي: ڊپٽي ڪمشنر

والدين کي اپيل آهي ته هو پوليو ٽيمن سان مڪمل تعاون ڪن ته جيئن ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي قطرن پيئڻ کان رهجي نه سگهي: ايس پي اي محمد عارف خان مهر

پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي، ان جي بچاءَ لاءِ جيڪي انتظام گورنمينٽ ڪيا آهن اهي ساراهه جوڳا آهن: سيمينار ۾ ڳالهيون

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج شڪارپور ۾ پوليو جاڳرتا لاءِ سيمينار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شڪارپور: ڊپٽي ڪمشنر پوليو مهم بابت ٿيل سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي: مقتول يوسي چيئرمين صابر مگسي جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر ڀهنوار) پنائي آباد جي مقتول يوسي چيئرمين ڳوٺ جي چيئرمين صابر مگسي جي قتل تي وارثن سان تعزيت جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بدين ۾ منشيات فروشن جي سهولتڪاري ڪندڙ ۽ ڀتو وٺڻ جو الزام ثابت ٿيڻ تي 34 پوليس اهلڪار لائن حاضر

هڪ سب انسپيڪٽر 3 ايس ايس آئيز 4 هيڊ ڪانسٽيبل سميت مختلف ٿاڻن برانچن ۾ مقرر اهلڪارن سميت 34 ڄڻن پوليس اهلڪارن کي معطل ڪري لائن حاضر ڪري ڇڏيو

ماتلي جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ سپاهي علي محمد ملاح عبدالغني فياض پرگڙي هيڊ ڪانسٽيبل عرس لنڊ ڊي آئي بي آفيس برانچ جي سپاهي راشد علي سميت 34 اهلڪار معطل

ايس ايس پي بدين مير روحيل کوسو ضلع ۾ منشيات فروشي ۾ ملوث ۽ منشيات فروشن جو سهولتڪاري هئڻ ۽ ڀتو وصول ڪرڻ جي عوامي شڪايتن تي جاچ ڪرڻ بعد ڪارروائي ڪئي

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين ضلع ۾ منشيات فروشي ۽ منشيات فروشن جي سهولت ڪاري ڪندڙ ۽ ڀتو وٺڻ جو الزام ثابت ٿيڻ تي 5 ٿاڻن ۽ چيڪ پوسٽ جي انچارجن وڏن ۽ ننڍن منشين سميت 34 پوليس اهلڪار معطل لائن حاضر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ملير ۾ مادري ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ملهائي وئي

تقريب ۾ شاعرن، اديبن، استادن، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي، نجي توڙي اين جي اوز جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي لازم قرار ڏني وڃي: مقررين

سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي، نجي توڙي اين جي اوز جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي لازم قرار ڏني وڃي، سنڌي ٻولي شاهوڪار ٻولي آهي

ملير (ڊ ر) مادري ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي عوامي پريس ڪلب ملير ۾ تقريب ملهائي وئي، تقريب ۾ شاعرن، اديبن ۽ صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي، نجي توڙي اين جي اوز جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي لازم قرار ڏني وڃي مقررن جو خطاب تفصيل موجب مادري ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي عوامي پريس ڪلب ملير ۾ تقريب ملهائي وئي، تقريب ۾ شاعرن، اديبن، استادن، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي تقريب کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

غوٿپور ۾ ڌاڙيل شهر ۾ ڪاهي پيا، انڌاڌنڌ فائرنگ، لکين رپيا ڦر، احتجاج

غوٿپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوٿپور ۾ ڌاڙيل شهر اندر ڪاهي پيا ٽن موٽر سائيڪلن تي سوار ڇهن پٽ پڌل هٿياربندن شهر جي مٺن بس اڏي تي ڪاهه ڪري فائرنگ ڪري حراس پکيڙي ڇڏيو ۽ ٻن ميڊيڪل اسٽورن ۽ هڪ ڪرياڻ جي دوڪان تي چڙهائي ڪري لکين روپيه ڦر ڪري فائرنگ ڪندا آساني سان ٽنگواڻي لنڪ روڊ ڏي فرار ٿي ويا حد جي پوليس ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

غوٿپور ۾ تعليم کاتي جي عملدارن جي لاپرواهي سبب هائير سيڪنڊري اسڪول زبون حالي جو شڪار، احتجاج

ڪيترن ئي سالن کان اسڪول جو مرمتي ڪم نه ٿيڻ سبب ڪلاسن جون ڇتيون ڪري پيون آهن ۽ اسڪول ۾ بجلي ۽ پاڻي جي سهولت به ناهي: شاگرد ۽ استاد

هائير سيڪنڊري اسڪول جي مرمتي ڪم جو ٽينڊر به ٿيو هو، ڪاغذي ڪارروائي ۾ اسڪول جو مرمتي ڪم مڪمل ڄاڻائي ٺيڪيدار عملدارن جي ملي ڀڳت سان بل رليز ڪرائي ويو

بنا ڪنهن دير جي اسڪول جو مرمتي ڪم ڪرائي اسڪول ۾ سولر سسٽم ڪرائي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن: شاگردن جو مطالبو

غوٿپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوٿپور، تعليم کاتي جي عملدارن جي لاپرواهي ۽ بي ڌياني سبب شهر جي هائير سيڪنڊري اسڪول زبون حالي جو شڪار بڻجي ويو شاگردن جو سهراب چاچڙ، رستم پيس اسد شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

غوٿپور: زبون حال اسڪول جي مرمت لاءِ شاگرد ۽ استاد احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

چونڊن ۾ بلٽ بيلٽ کي اغوا ڪرڻ سان سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي بدنامي ٿي آهي: مجاهد چنا

عوامي مينڊيٽ تي ڌاڙي خلاف جمهوريت ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ جماعت اسلامي جدوجهد جاري رکندي

جعلي مينڊيٽ جي تي قائم ٿيندڙ حڪومت گهڻو دير هلي نه سگهندي، ڪراچي ۾ آواز ذريعي ڪامياب قرار ڏئي چونڊن جو مذاق بڻايو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) 21 فيبروري 2024 جماعت اسلامي سنڌ جي اطلاعات سيڪريٽري مجاهد چنا چنا چيو آهي ته 08 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ بلٽ بيلٽ کي اغوا ڪيو جنهن ڪري سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي بدنامي ٿي رهي آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪراچي: جماعت اسلامي جا اڳواڻ گروپ فوٽو ڪيرائي رهيا آهن

ڪرپشن ۽ ڪميشن واري ڪلچر سنڌ جي هر اداري کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي: محمد حسين محنتي

جماعت اسلامي پاران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي پيپر آئوٽ ڪرڻ ۾ ملوث آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي گهر

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ناقص ڪارڪردگي وارو عمل سنڌ جي لکين اهل نوجوانن جي مستقبل سان مذاق آهي

وائرل ٿيل سوالن واري پيپر واري واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ملوث ڪردارن کي ڪيفر ڪردار تي پهچايو وڃي: جماعت اسلامي جو اڳواڻ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) 21فيبروري2024 جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ اڳوٽي ايم اين اي محمد حسين محنتي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي انتظام هيٺ سيڪنڊري اسڪول ٽيچرز جي ڀرتي لاءِ ٽيسٽ جا پيپر آئوٽ ٿيڻ واري معاملي /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 02

نئون ڪوٽ ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو پرچو آئوٽ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

امتحاني پيپر آئوٽ ٿيڻ سان ثابت ٿئي ٿو ته باقي پيپرز به آئوٽ ٿيا آهن ميرٽ جي لتاڙ ڪندڙ ادارو نوجوانن جي مستقبل سان ڪيڏي رهيو آهي: نوجوان

اسان سمجهون ٿا سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جون سڀ ڀرتيون مشڪوڪ ۽ اصولن جي خلاف آهن جنهن جي ڪري ايس پي ايس سي کي ڪالعدم قرار ڏئي

پيهر آئي بي اي اداري کان ٽيسٽ ورتي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو: شاگردن جو مطالبو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحاني پرچو آئوٽ ٿيڻ خلاف نئون ڪوٽ ۾ نوجوان پاران احتجاج، پيهر آءِ بي اي اداري کان ٽيسٽ وٺڻ جو مطالبو خبر موجب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحاني پرچو آئوٽ ٿيڻ خلاف نئون ڪوٽ پريس ڪلب آڏو نوجوانن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن شير محمد سومرو، محمد سليم ٿهڙيو پکواڻ داس، منور مهاراج ۽ ٻين چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن نوجوانن جي ميرٽ تي ڌاڙو هنيو آهي، هنن چيو ته امتحاني پيپر آئوٽ ٿيڻ سان ثابت ٿئي ٿو ته باقي پيپرز به آئوٽ ٿيا آهن ۽ ميرٽ جي لتاڙ ڪندڙ ادارو نوجوان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽي ۾ ارڙي جي بيماري وبائي صورت اختيار ڪري وئي، نينگري فوت

ڪيترائي معصوم ٻار موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا، اڃان تائين صحت کاتو ڪو به نوٽيس ناهي ورتو

ڪوهستاني پٽي ۾ ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪلي بيمار ٻارڙن جو علاج ڪري سندن حياتيون بچايون وڃن

ٺٽو (ڊ ر) تعلقي ٺٽي جي ڪوهستاني يوسي جنگشاهي ۽ يوسي ڪوهستان ۾ ارڙي جي بيماري وبا صورت اختيار ڪري وئي. جنهن جي نتيجي ۾ پورهيت شهزاد جوکيو جي 10 سالا نياڻي ارڙي بيماري سبب فوت ٿي وئي آگي، جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪنڊڪوٽ ۾ پٽو نه ڏيڻ تان هٿياربندن جو حملو، هڪ زخمي، احتجاج

ڪجهه مهينا اڳ جوابدار پٽو مونکي ڌمڪي ڏني هئي ته پئسا ڏي نه ته توکي ماري ڇڏينداسين: محمد پٽو

جوابدار ساٿين سان گڏ ٿي مون تي حملو ڪري لٺين جا ڌڪ هڻي مونکان 50 هزار روڪ رقم کڻي ويا آهن

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ: جنيد غالب بلوچ) بداڻي ۾ پٽو نه ڏيڻ تي مبينا هٿياربندن حملو، حملو ڪري لٺين جا ڌڪ هڻي محمد پٽو کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو، زخمي محمد پٽو جو وارثن سان گڏجي پريس ڪلب بخشاپور اڳيان بداڻي پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

KAPUR BADAN
ڪنڊڪوٽ: ڳوٺاڻا بااثر هٿياربندن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

وفاقي محتسب کاتو ماڻهن کي مفت ۽ فوري انصاف فراهم ڪري رهيو آهي: سيد محمود علي شاهه

شڪايت ڪندڙ پنهنجون شڪايتون آن لائن يا ٽپال ذريعي داخل ڪري سگهن ٿا

وفاقي کاتن خلاف شڪايت هجي ته هو پنهنجي شڪايت جي ازالي لاءِ وفاقي محتسب سان رابطو ڪري سگهي ٿو

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) وفاقي محتسب سکر جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شا پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته وفاقي محتسب کاتو وفاقي حڪومت جي ادارن خلاف عام ماڻهن کي مفت ۽ فوري انصاف فراهم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

لاهور جي عورت ٽنڊو محمد خان جي رهواسي نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي

نڪاح صاحب جي عورت پنهنجي گهرواري جاويد علي جمالي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪئي

وارث اسان کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: اير علي بروهي) سوشل ميڊيا تي شروع ٿيندڙ رابطو شادي تائين پهچي ويو . لاهور جي عورت ٽنڊو محمد خان جي رهواسي سان شادي ڪندي حياتين جي تحفظ جو مطالبو ڪري ڇڏيو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

راڻيپور ۾ ڪڻڪ جو فصل آخري مرحلي ۾ ليٽي پيو، آبادگار مايوس

يوريا پاڻ جي قيمتن ۾ واڌ سبب ووڙٽن جي فصل ۾ آبادگارن جي خرچن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو

ڪڻڪ جو سرڪاري اگهه جو شروعاتي 6000 هزار مقرر ڪري پريشاني کان بچايو وڃي: آبادگار

راڻيپور (راڻيپور) سڄي سنڌ جيان راڻيپور جي پرپاسي ۾ به ڪڻڪ جو فصل تياري جي آخري مرحلي ۾ داخل تازين لڳندڙ تيز هوائن سبب ڪڻڪ جو فصل زمين تي ليٽي پيو آهي جنهن ڪري ڪڻڪ جي فصل جي پيدوار گهٽجڻ ۽ ان جو داڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

آلودگي کان پاڪ معاشري لاءِ ٻوٽا لڳائڻ ضروري آهن: ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان

سڀني کاتن جا عملدار آفيسن اندر ٻوٽا ضرور لڳائين خوشگوار ماحول ميسر ٿي سگهي

وڻڪاري ضروري آهي وڻ نه صرف لڳائڻ پر انهن جي سار سنڀال پڻ ضروري هوندي آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: اير علي بروهي) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڏرمون پاراڻي اڄ ڊي سي ڪامپليڪس جي شهيد محترمه بينظير ڀٽو پارڪ ۾ ٻوٽو لڳائي موسم بهار جي وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

CAMPAIGN 2024
ٽنڊو محمد خان: ڊپٽي ڪمشنر ٻوٽو لڳائي بهار جي موسم جي افتتاح ڪري رهيو آهي

سکر ۾ شهيد ميان آدم شاهه ڪلهوڙو جو ساليانو عرس ملهايو ويو

افتتاح ارسلان اسلام شيخ ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪندا

ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي مذهبي شخصيت ۽ ميانوال تحريڪ ۾ سندس سياسي ڪردار تي روشني وجهڻ لاءِ عرس جي موقعي تي سيمينار پڻ ڪرايو ويندو: سجاده نشين

ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي عرس جي موقعي تي ڪو به اڻٽڻندڙ واقعو پيش نه اچي سگهي ۽ سڪيورٽي انتظام سخت ڪيا وڃن

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) شهيد ميان آدم محمد شاهه ڪلهوڙو جو ساليانو عرس مبارڪ 7 کان 8 مارچ 2024 بمطابق 25، 26 شعبان المعظم 1445ھ تي آدم شاهه جي ٽڪري سکر ۾ ملهايو ويندو. جنهن جو افتتاح ميئر سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

محرابپور ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي

ريلي کي پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار جلباڻي، پروفيسر عبدالسميع پنيرو، غلام اڪبر خواجه بچل هنگورو ۽ ٻين خطاب ڪيو

سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي، سنڌ جي پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي، سبجيڪٽ لازمي پڙهايو وڃي: اديب

سنڌي ٻولي پنج هزار سالن کان به وڌيڪ پراڻي پر ان جي باوجود سنڌي ٻولي سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامتيو) محرابپور ۾ سچل ڪميونٽي محراب پور ۽ سنڌي ادبي سنگت محراب پور پاران سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ هڪ ريلي تعلقه پريس ڪلب محراب پور کان مين گيٽ تائين ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽي مان پوليس پاران ڊرائيور ڪنڊيڪٽر کي کڻڻ جي ڪراچي جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي گذري

ملير ڪراچي جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي گذري، عدالت ٻنهي ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد باعزت بري ڪري ڇڏيو

مسافر وين جي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي گرفتار ڪري مٿن بلاجواز هٿ ٺوڪيو ڪيس داخل ڪرائي کين گرفتار ڪرائي بيروزگار ڪري ڇڏيو هو: ٽرانسپورٽر

ڊرائيورن ۽ ڪنڊيڪٽرن جي مالڪي ڪريون ٿا ۽ ڪوشش سان وين ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي باعزت عدالت مان بري ڪرايو ويو آهي

ٺٽو (ڊ ر) ساڍا 3 مهينا اڳ 5 نومبر 2023 تي ڪراچي کان ٽنڊو محمد خان ويندڙ ٺٽي جي رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽو: عدالتي حڪم بعد آزاد ٿيل ڊرائيور ۽ ڪلينر

نوشهرو فيروز ۾ اسڪارپ ايمپلائيز يونين جي اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز اسڪارپ ايمپلائيز يونين جي ضلعي صدر ساگر يوسف منگي، علي نواز سولنگي، مقتول اقبال لاڙڪ جي پٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

حڪومت بجلي جي اگهن ۾ واڌ ڪري عوام کي غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري طرف ڌڪيو آهي: سکر بلڊر ايسوسيئيشن

حڪمران عوام جا مسئلا گهٽائڻ بدران وڌائي عوام کان جيئڻ جو حق به کسيو پيو وڃي، ملڪ جي عوام کي حق ۽ سهولتون ڏيڻ رياست جي ذميوار هوندي آهي

وڌندڙ مهانگائي غريب عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي، عام ماڻهون ٻن ويلن جي ماني لاءِ به پريشان آهن

گيس جي قيمتن ۾ واڌ ڪري پنهنجي آسائشن جو بار عوام تي وجهڻ بدران فوري طور تي گئس جي اگهن ۾ ڪيل واڌ جو فيصلو واپس وٺي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر بلڊر ايسوسي ايشن جي جنرل سيڪريٽري ۽ ممتاز سماجي اڳواڻ ۽ راجپوت ڪلبس انٽرنيشنل سنڌ جي سيڪريٽري محمد عمران بنڌاڻي راجپوت حڪومت پاران گيس جي اگهن ۾ 193 سيڪڙو واڌ کي رد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ملير جي شيدي ڳوٺ ۾ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ، معززين جو ڪٽ

منشيات جي وڪري ۽ بدامني خلاف گڏيل ڏينهن علائقي جي خاصخيلي، جوکيو، عارفاني، بلوچ برادري جي معززن طرفان ڪٽ ڪيو ويو

بجلي ۽ پاڻي جي اڻاٺ سبب زندگي عذاب بڻجي وئي آهي منشيات کلي عام وڪرو ٿي رهي آهي جنهن سبب نوجوان سماجي برائين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن: معززين

ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ درخواستون ڏيون پر مسئلا حل نه ڪيا ويا، مجبورن ڪٽ ڪرڻائي ويو آهي، مسئلن جي فوري حل لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي

ملير (ڊ ر) شيدي ڳوٺ ۾ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ، منشيات جي کلي عام وڪري ۽ بدامني خلاف علائقي /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 09

ملير: شيدي ڳوٺ ۾ بنيادي سهولتن خلاف شهرين جو ڪٽ

نوشهرو فيروز ۾ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد پاران روينيو ملازمن کي پيش ٿيڻ جو حڪم

نوشهرو فيروز (ڊ ر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد ۾ پٽيشنر روينيو ملازم جمال عباسي کي پگهارون نه ڏيڻ تي اڳوڻي ڊي سي نوشهرو فيروز /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 11

دادو ۾ سي ايم او آفيس ۾ پيچ ڊاهه وارو معاملو: ملازمن جو احتجاج جاري

وائيس چيئرمين ۽ سي ايم او ميونسپل ڪاميٽي دادو جي آفيس ۾ ڪريل حرڪت ڪئي: ملازم

پ پ کي گهرجي جلد نوٽيس ورتو وڃي، پارٽي جي عهدي کين تان هٽايو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو سي ايم او آفيس ۾ پيچ ڊاهه معاملو هٿي ڏيڻ پنهنجو پاور ڏيکارڻ لاءِ روڊن تي دادو ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جا ٻه گروپ هٿڻ ڪري / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ججن کي ٺوس ثبوتن جي بنياد تي فيصلا ڪرڻ گهرجن: سيشن جج محبوب علي

ججن کي بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءَ جي فيصلا ڪن عوام کي انصاف فراهم ڪرڻ گهرجي

ڪو غلط فيصلو آهي ته منهنجي نوٽيس ۾ آڻين، صلاحيتن کي وڌائڻ گهرجي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محبوب علي جواهري چيو آهي ته ججن کي ٺوس ثبوتن جي بنياد تي فيصلا ڪرڻ گهرجن. /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 13

پيرو خاندان کي ايوان ۾ يا سنڌ حڪومت سازي ۾ خاص عهدو ڏنو وڃي: محمد اقبال ميمڻ

پ پ کي سڄي سنڌ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ شڪارپور جي پيرو خاندان کي وڏو اعزاز حاصل آهي

آل ميمڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر اميد ڪئي آهي ته پ پ جي اعليٰ قيادت پنهنجي فيصلن تي نظرثاني ڪندي

سکر (بيورو رپورٽ) آل ميمڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر جنرل سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سميت پ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين ۽ سي ايم او جي تڪرار جو نبيرو

ڊي سي دادو پاران ميونسپل ڪاميٽي ۾ پ پ سٽي صدر ۽ وائيس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي ۽ سي ايم او وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو نوٽيس وٺي ٻنهي ڌرين کي ڳالهين لاءِ گهرايو

ٻڌايو ته آءِ لوڪل آرڊيننس 2017 ڪٿي وس جنهن ۾ ڪٿي به وائيس چيئرمين جي ڪردار جو واضع لکيل نه آهي چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي کي مڪمل اختيار حاصل آهن: سي ايم او

سي ايم او ميونسپل ڊي سي دادو آڏو پنهنجي بي وسي جو اظهار ڪيو آهي ته مون وٽ ڪجهه نه آهي چيئرمين مالڪ آهي: وائيس چيئرمين

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين خالد ميراڻي ۽ سي ايم او اياز ٻنهورو وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو دادو ڊي سي آفيس ۾ ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو جي سربراهي ۾ ٿي گذريو خبر موجب ڊي سي دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چنڊيگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 22 فيبروري 2024ع

اسپتالن جي ايمرجنسي شعبي ۾ ڊاڪٽرن جي موجودگي کي يقيني بڻائڻ جي ضرورت

"منهنجي بابا کي رات جو 3 بجي دل جو دورو پيو هو پر اسپتال ۾ صرف هڪ ليڊي ڊاڪٽر موجود هئي جيڪا پاڻ رڙيون ڪري چئي پئي ته مان هڪ موجود آهيان ٻيا ڊاڪٽر ستا پيا آهن. آءٌ ڪنهن ڪنهن کي ڏسان، جونيئر نرس اسٽاف جي لاپرواهي سبب علاج صبح جو 8 بجي شروع ٿيو هو جڏهن بابا کي اسپتال آندو ويو ته بابا ڪلي ڳالهائي، گهمي پيو بلڪل نارمل هو ٿورو سور هيس، پر اسپتال وارن نه بابا جو شگر چيڪ ڪيو نه بلڊ پريشر هڪ انجيڪشن لڳائي وئي. جنهن بعد بابا کي وات مان رت ۽ مٿو چڪرائڻ لڳو ۽ تمام گهڻو پگهر اچڻ لڳو ته اسٽاف کي رڙ ڪري چيوسين بلڊ پريشر شگر چيڪ ڪريو. پوءِ شگر بلڊ پريشر چيڪ ڪيو ته ترت وري ٻي انجيڪشن لڳائي وئي. جنهن بعد بابا جي طبعيت بگڙجي وئي ۽ وينٽي ليٽر تي نيو ويو جنهن جي 20 منٽن ڪانپوءِ وارثن کي فوتگي جو اطلاع ڏنو ويو. سوال اهو آهي ته دل جي اسپتال جنهن ۾ 24 ڪلاڪ ايمرجنسي رهي ٿي جنهن ۾ غلطي جي ڪابه گنجائش نه آهي اُن پوري اسپتال ۾ صرف هڪ ليڊي ڊاڪٽر جي موجودگي ڪافي آهي ؟ سوال ٿو 3 وڳي آيل مريض جو علاج صبح جو 8 بجي يعني 4 ڪلاڪن بعد شروع ڪرڻ کي انساني جان سان کيڏڻ نه سمجهو وڃي ؟

منهنجو بابا فاني دنيا مان وڃي چڪو آهي جيڪو ڪڏهن واپس ورڻو نه آهي فيملي جنهن تڪليف مان گذري پئي تنهن جو ڪاٿو نٿو لڳائي سگهجي پر اسپتالن اندر لکين زندگين سان ڊاڪٽرز مافيا کيڏي رهيا آهن جنهن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي."

اهڙي قسم جو ظلم ۽ ناحق هران مريض، مريضا ۽ ان جي وارثن اسن اسان جي اسپتالن اندر معمول موجب ٿيندو رهيو آهي جنهن ڪري ئي انهن کي ڪوس گهر چيو ويندو آهي. اها بهرحال چڱي ڳالهه آهي ته جيئن ڪن قتلن، جهيڙن فسادن چورين اغوائن وغيره جي ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي آهي. تيئن اهڙن ظلمن جي پڻ فيس بڪ تي نشاندهي ٿيڻ لڳي آهي. اها نشاندهي به هڪ قسم جي ايف آءِ آر ئي آهي. ان نوعيت جو هڪ واقعو هي به آهي ته ڪراچي جي هڪ وڏي اسپتال ۾ هڪ مريضائي پاڻ گهمندي ڳالهائيندي پتي جو آپريشن ڪرائڻ آئي. ڊاڪٽر کي هڪ هفتو اڳ بريف ڪيو ويو هو ته مسمات دل ۽ شگر جي به پراڻي مريض ڪيس هڪ ڏينهن اڳ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو صبح اٺين وڳي کان شام 6 وڳي تائين ڪيس آپريشن ٿيٽر ۾ انتظار ڪرايو ويو 8 وڳي جڏهن ڪيس آپريشن ٿيٽر مان ٻاهر ڪڍيو ويو ته تڪرندي ٿي هن دانهن ڪئي ته ڪاٻي پاسي ۾ مونکي سور ٿي رهيو آهي. جواب مليو ته ايئن ٿيندو آهي. آهستي آهستي ختم ٿيندو جڏهن ته اهو سور آهستي آهستي ختم ٿيڻ بدران لاڳيتو وڌي ٿي رهيو هو پر مجال جو اسٽاف اٽينڊنٽ ۽ مريضائي جي دانهن جو نوٽيس وٺي. نيٺ اها مريضائي جيڪا پتي جي آپريشن لاءِ پاڻ گهمندي ڦرندي آئي هئي سا اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي موجودگي ۾ گذاري وئي.

اهڙا اڻ ڳڻيا حادثا ۽ واقعا روز اسپتالن ۾ ٿين ٿا پر حيرت آهي ته ايترين شڪايتن ۽ دانهن باوجود ڪو سڌارو نٿو اچي. اڳي رڳو ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن جي ننڍين اسپتالن ۾ اهڙا ڪلور ٿيندا هيا پر هاڻي وڏن شهرن جون وڏيون اسپتالون به ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن جي اسپتالن جهڙيون ٿي ويون آهن. بجاءِ ان جي ته ننڍن شهرن ڳوٺن جون اسپتالون به علاج ۾ ترقي ڪري وڏن شهرن جي وڏين اسپتالن جهڙيون ٿين لڳن هتي ان جي ابتڙ ٿي رهيو آهي. وڏن شهرن جي اسپتالن جون عمارتون اوهان کي عاليشان نظر اينديون. سمارٽ يونيفارم ۾ عملو ملندو. ڪمپيوٽرائزڊ سسٽم تي انتظامي ڪم ٿيندي نظر ايندا پر علاج ۾ ڪا ترقي ٿيندي نظر نٿي اچي. علاج ننڍين اسپتالن جي معياري جو ٿي رهيو آهي.

مٿي رکيل فيس بڪ واري پوسٽ به حيدرآباد جي هڪ وڏي دل جي اسپتال جي آهي. جتي ايمرجنسي ۾ رڳو هڪ ڊاڪٽرياڻي هئڻ ڪري بروقت علاج نه ٿي سگهيو ۽ هڪ خاندان مٿان اسپتال جي غفلت وڳهي قيامت برپا ٿي وئي. اسان کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته رات جو چوويهه ڪلاڪ کليل اسپتال ۾ ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻين ۽ نرسن سميت عملو ڇو گهٽ مقرر ٿيل هوندو آهي. اسان جي ملڪ اندر ڪيڏي نه بيروزگاري آهي. ان کي ڏسندي ڇو نه ٿو ميڊيڪل جو عملو روزگار سان لڳايو وڃي. اسان وٽ بيروزگاري جي فوج موجود آهي. ميڊيڪل جون ڊگريون وٺي ڪيترائي ڪوالفائيڊ ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون، نرسيون رلي رهيون آهن ۽ هيڏانهن اسپتالن جي حالت اها آهي ته اسٽاف ئي مڪمل نٿو ملي.

سو صحت کاتي کي انهن دانهن ۽ ڪوڪن جو نوٽيس وٺي اسپتالن جو نظام بهتر ڪرڻ گهرجي. ان تي ٻي ڪا راءِ ٿي ناهي. جنهن جي جيڪا وزارت آهي ان کي ان تي ڪم ڪرڻ گهرجي. جيڪي به علاج ۾ ڪوتاهيون آهن ۽ جيڪا به انتظامي کوٽ آهي تنهن کي پورو ڪرڻ صحت کاتي جو ڪم آهي. خاص ڪري رات جي وقت ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻين ۽ نرسن جو انگ وڌايو وڃي. جيئن ايمرجنسي ۾ آيل مريضن جو بروقت علاج ٿي سگهي. اهو سڀ ڪرڻ صحت کاتي جي پهرين ذميواري آهي. ان کاتي کي فنڊ ان لاءِ ئي ملندا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته يا اهو پيو سوال آهي ته اهي فنڊ درست نموني استعمال ٿين ٿا يا نه. جيڪڏهن صحت جي بجيٽ گهٽ آهي ته هر سال پيش ٿيندڙ مالي بجيٽ ۾ ان جي واڌاري لاءِ آواز اٿارڻ گهرجي. چاڪاڻ ته اهي ادارا ۽ هي وزارتون سڀ عوام لاءِ آهن. عوام جي خدمت لاءِ آهن تنهن ڪري عوام جي خدمت واري پاسي ڌانهن اسان جي ادارن جو جيڪو ڌيان هئڻ گهرجي سو بنهه ناهي.

اسپتالن ۽ اتان جي عملي جي حوالي سان ٻي وڏي شڪايت سندن انتهائي ڪِڏي، ظالماڻي ۽ غير انساني رويي بابت هوندي آهي ته اسپتالن جو عملو سائن منهن ڏئي ڳالهائيندو به ناهي جڏهن ته پيسا ڏئي علاج ڪرايو ويندو آهي، مفت ۾ ناهي ڪيو ويندو جو فقيرن وانگر مريضن ۽ انهن جي وارثن کي چڙٻون ڏنيون وڃن. ٿيڻ ته ايئن به گهرجي ته جيئن طب جو علم پڙهايو ويندو آهي تيئن ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻين، نرسن ۽ اسپتالن جي باقي عملي کي مريضن ۽ ان جي وارثن سان اخلاق سان ڳالهائڻ جي به سکيا ڏني وڃي. اهڙي سکيا جا ڪورس ڪرايا وڃن ۽ ان قسم جي سرٽيفڪيٽ مليل ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻين، نرسن يا ڪنهن ٻئي عملي کي اسپتالن اندر مقرر ڪيو وڃي.

هاڻي جڏهن چونڊن ٿيڻ کان پوءِ نئين سر حڪومتون جڙڻ جو وقت اچي ويو آهي ته اهو ڪيڏو نه سونهري موقعو هوندو ته صحت جي نظام کي نئين سر بهتر ڪرڻ لاءِ صحت جي وزارت ڪنهن اهڙي شخص کي ڏني وڃي جنهن وٽ صحت جي بهتري لاءِ ڪو پروگرام هجي ۽ انجي ڏنل پروگرام يا منشور کي ڏسي ڪيس صحت جو وزير چونڊيو وڃي چاڪاڻ ته هيءُ شعبو سڌوسنئون عوام جي جان سان سلهاڙيل آهي، حياتين جو مسئلو آهي ان ڪري صحت جي معاملي کي انتهائي سنجيدگي سان ڏسڻو پوندو.

بقايا *** 01

حڪومتون پنهنجي 5 سالن وارو آئيني مدو پورو ڪنديون. هن چيو ته نئون اين ايف سي ايوارڊ جيڪو هن وقت تائين نه ڏنو ويو آهي اهو اين ايف سي ايوارڊ جاري ڪيو ويندو جنهن تحت صوبن جو حصو وڌايو ويندو چاڪاڻ ته آئيني طور تي اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو نه وڌائي سگهجي ٿو پر گهٽائي نه ٿو سگهجي. هن چيو ته مضبوط صوبا مضبوط وفاق جي علامت هوندا آهن ان ڪري صوبائي خودمختياري تحت صوبن کي وڌيڪ معاشي طور مضبوط بڻايو ويندو. هن چيو ته ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي کان پوءِ جيڪي وزارتون وفاق کان صوبن ڏانهن منتقل نه ڪيون ويون انهن وزارتن کي صوبن ڏانهن منتقل ڪيو ويندو ۽ انهن وفاقي وزارتن جا خرچ صوبن ڏانهن منتقل ٿيڻ سان صوبا هيٺين سطح تائين بيروزگاري ۽ غربت جي خاتمي لاءِ وسيلا ڪتب آڻي سگهندا ۽ اهو ئي پيپلز پارٽيءَ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران عوامي معاشي معاهدي وارو منشور هيو جنهن تي عمل درآمد ڪرايو ويندو ته جيئن غريب عوام جي زندگي بهتر ٿي سگهي. هن چيو ته 18 هين ترميم ان ئي صورت ۾ برقرار رهندي ۽ 18 هين ترميم جي خالق آصف علي زرداري جي اها ڪوشش هوندي ته 18 هين ترميم تي من وعن عمل ڪرائجي ته جيئن ملڪ ۾ جمهوري ۽ سياسي استحڪام پيدا ٿئي ۽ جمهوريت وڌيڪ مضبوط ٿئي. هن چيو ته جيڪي ماڻهو چاهين پيا ته پارليامينٽ وجود ۾ نه اچي ۽ بحران پيدا ٿئي انهن کي منهن جي کائڻي پئجي وئي آهي. هن چيو ته وفاق ۾ ڪنهن به جماعت کي اڪثريت نه ملڻ سان ڪا به جماعت اڪيلي سر حڪومت نه پئي ٺاهي سگهي ان لاءِ پيپلز پارٽيءَ پارليامينٽ ۽ اسيمبلين کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ جمهوري ڪردار ادا ڪيو آهي ته جيئن حڪومت وجود ۾ اچي ۽ ملڪ کي ٻيهر چونڊن طرف نه وڃڻو پئي چاڪاڻ ته ملڪ ٻيهر چونڊن جو متحمل ٿي نه ٿو سگهي. هن وڌيڪ چيو ته آصف علي زرداري جي صدر هوندي صوبن جي وسيلن تي صوبن جو مڪمل حق تسليم ڪرايو ويندو. هن چيو ته سنڌ کي 1991ع واري پاڻي معاهدي تي عمل درآمد نه ٿيڻ ۽ سنڌ مان نڪرندڙ گيس جو حق صوبي کي نه ملڻ تي پڻ سخت اعتراض آهن. نئين وفاقي حڪومت کي سنڌ جي هنن خدشن کي ختم ڪرڻو پوندو چاڪاڻ ته پاڻي زندگي آهي ۽ سنڌ کي پاڻيءَ تي زيادتي ڪنهن به صورت ۾ برداشت ناهي اُن ڪري سنڌ کي پاڻيءَ، ٿاڻي ۽ گيس تي پنهنجو مڪمل حق ڏنو وڃي اميد آهي ته وفاقي حڪومت سنڌ کي پنهنجا جائز حق ڏيندي.

بقايا *** 02

سپريم ڪورٽ جو جج نامزد ڪيو ذريعن موجب اجلاس ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جي نئين چيف جسٽس جي مقرري تي به غور ٿيندو. واضح رهي ته هن وقت سپريم ڪورٽ ۾ 3 ججن جون جايون خالي آهن ۽ 14 جج فرض انجام ڏئي رهيا آهن.

بقايا *** 03

چيو هاڻ ته انٽرنيٽ هلي رهي آهي، حڪومت سيڪيورٽي خدشن کي ڏسندي اهو قدم کنيو انٽرنيٽ سروس جي بندش سان ملڪ ۾ امن امان جو ڪو مسئلو نه ٿيو سڀ کان اهم مسئلو نيشنل سيڪيورٽي جو هو چيف جسٽس چيو ائين نه چئو ماڻهو سمجهدار ٿي ويا آهن. ماڻهن کي سڀ خبر آهي ته ڪير ڇا ڪرائي رهيو آهي، پريشر ڪُڪر جي هلڪي سيٽي وڄي ٿي ته ان کي وڄڻ ڏيو ائين نه ٿئي جو سيٽي بند ڪرڻ تي پريشر ڪُڪر جيان سڀ ڦاٽي پئي، صدر ڪير ٿيندو، وزيراعظم ڪير ٿيندو، گورنر شپ ڪنهن کي ڏني ويندي، جيڪڏهن ائين ڪرڻو هو ته چونڊون ڇو ڪرايون ويون، ڊرائنگ روم ۾ ويهاري عهدا ورهائا هئا، چونڊون ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هن چيو ماشاالله توهان طاقتور ماڻهو آهيو جهڙي پلاننگ ڪندا آهيو ائين ڪري ڇڏيندا آهيو انٽرنيٽ بند ڪري دنيا ۾ پنهنجو تماشو ڇو بڻائي رهيا آهيو ائين لڳي ٿو ته عدالتون ۽ سڀ ادارا بي وس ٿي ويا آهن. ملڪ ڪير هلائي رهيو آهي؟ پوءِ عدالت وفاقي حڪومت کان اليڪشن واري ڏينهن انٽرنيٽ بندش جا سبب طلب ڪري ورتا ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر انٽرنيٽ سروس ۽ سوشل ميڊيا جي بحالي جو حڪم ڏنو.

بقايا *** 04

، پ پ وفاقي ڪابينا جو حصو نه بڻجندي، وزيراعظم شهباز شريف جو اختيار آهي ته ڪنهن کي ڪابينا جو حصو بڻائي ٿو سنڌ ۽ بلوچستان جي وڏن وزيرن جي نالن جو اڄ يا سڀاڻي اعلان ٿي ويندو خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته پيپلزپارٽي في الحال ڪابينا جو حصو نه ٿيندي ۽ ڪابينا جي جوڙجڪ شهباز شريف جو صوابديد آهي. سندس چوڻ هو ته پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جا گورنر پيپلزپارٽي جا هوندا. جڏهن ته سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مسلم نون جا هوندا. پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته سياست ۾ 5 ورهين جو معاهدو لکت ۾ نٿو ٿي سگهي، في الحال پ پ وفاقي ڪابينا ۾ شامل نه ٿيندي. پيپلزپارٽي وزيراعظم لاءِ ووٽ، اعتماد جو ووٽ ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر لاءِ ووٽ ڏيندي. هن چيو ته حڪومت جي قانون سازي ۾ مدد ڪئي ويندي، هو تنقيد براءِ اصلاح ڪندا، تنقيد براءِ تنقيد نه ڪندا. پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته اڃا ماڻهن جون نظرون بجيٽ ۽ آءِ ايم ايف ۾ آهن، نظر آيو ته حڪومت جي مجبوري آهي ته مدد ڪندا. سنڌ ۽ بلوچستان جي وڏن وزيرن جي نالن جو اڄ يا سڀاڻي اعلان ٿي ويندو.

بقايا *** 05

جا گرفتاري وارنٽ رد ڪري ڇڏيا. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ سينيٽر فيصل جاويد خلاف صحافي کي ڌمڪي ڏيڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. جتي فيصل جاويد سول جج قدرت الله جي عدالت ۾ پنهنجي وڪيل سرفراز مصروف سان گڏ پيش ٿيو. فيصل جاويد عدالت سامهون پاڻ کي سرينڊر ڪيو جنهن تي عدالت سندس گرفتاري وارنٽ رد ڪري ڇڏيا. عدالت ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪندي وڌيڪ ٻڌڻي 13 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي. واضح رهي ته عدالت فيصل جاويد جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا هئا، سندس خلاف 2022ع ۾ بني گالا ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو.

بقايا *** 06

سڀني ميمبرن کي ٽيم بڻجي عوام جي خدمت ڪرڻي آهي. لاهور ۾ ن ليگ پنجاب جي پارلياماني پارٽي جو پهريون اجلاس ٿيو جنهن ۾ خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته پنجاب جي عوام ن ليگ کي واضح مينڊيٽ ڏنو پارلياماني ميمبرن کي ڪاميابي تي واڌايون پيش ڪيان ٿي، پنجاب جي عوام جا ٿورا مڃان ٿي. هن چيو ته وڏي انگ ۾ نوجوان ايم پي ايز اسيمبلي ۾ آيا، مان چونڊ نتيجن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن به آرام ناهي ڪيو پنجاب ۾ خدمت جا نوان رڪارڊ قائم ڪنداسين. سندس چوڻ هو ته پنجاب جي پهرين عورت وزيراعلىٰ جو اعزاز تمام وڏو آهي، شهباز شريف ترقي جي اسپيڊ کي برقرار رکيو. اسان اهو سفر جاري رکنداسين. مريم نواز چيو سڀني تڪن ۾ اهڙا ڪم ڪنداسين ته جيئن 5 سالن ڪانپوءِ ڪا خامي نه رهي، محفوظ پنجاب جي پراجيڪٽ تي ڪم ڪنداسين. سيف سٽي پراجيڪٽ کي پنجاب جي سڀني شهرن تائين وٺي وينداسين. ٻهراڙي جي علائقن لاءِ به گڏيل پروگرام آڻي رهيا آهيون.

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ نوجوانن ۾ پيدا ٿيندڙ مايوسي

رحمت الله ٻرڙو

گذريل ٽن ڏينهن کان استادن جي ڀرتيءَ لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران ٿيندڙ ٽيسٽ پيپر ۾ ٿيندڙ بيقاعدگين تي رهيون هيون جن بابت عام محفلن ۾ بحث پئي هليا.!! اهڙي ئي بحث دوران ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سرپرستيءَ هيٺ ٿيندڙ ٽيسٽ جيڪا استادن جي ڀرتين بابت ورتي پئي وڃي تنهن جو سلسلو جاري ٿي هو ته ٽيسٽ وقت صبح يارنهن بجي کان اڳ سوالن وارو پيپر پڻ ليڪ نه پر وائرل ٿي شوشل ميڊيا جي زينت بڻيو هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سنڌ جو واحد ادارو هو ۽ آهي جنهن جي شفافيت محنت ڪندڙ شاگرد لاءِ ڪنهن اعتماد کان گهٽ نه هوندو هو ن وقت اهو ادارو جنهن جي معرفت اسان جي سنڌ صوبي جي مختلف کاتن ئي پر مڪمل ادارن جو سيڪشن آفيسرز کان ويندي ايگزيڪيوٽو پوسٽن تي اهي ڪميشنڊ آفيسرز ٿي وڃي نظام کي هلائيندا آهن جن وٽ ان واحد اداري سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي اهليت جا پيراميٽرز ۽ اهليت پاس ڪرائڻ جا قرض ادا ڪيا ويندا آهن. هن وقت ٿي نه ۽ اڄوڪي هن پيپر وائرل ٿيڻ واري اشوئي نه بلڪ گذريل ڏهاڪي کن کان وٺي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ادارو مختلف ميگا اسڪينڊلز جو شڪار ٿيڻ شروع ٿيو آهي جيڪو پڻ ڪنهن وڏي الميي کان گهٽ ناهي.!! پبلڪ سروس ڪميشن جي سيڪريٽري شپ کان چيئرمين شپ پڻ انهن اسڪينڊلز ۾ ملوث هجڻ جا وڏا ثبوت مليا آهن جن تحت مسٽر داماڻي کان ويندي مسٽر ڪلهوڙو جهڙا زميوار ڪرپشن ڪرڻ ۽ سنڌ جي هن هيڏي وڏي بااعتماد اداري لاءِ بدنما داغ يا بدناميءَ جو باعث بڻيا آهن.!! اهڙي ئي طرح سان گذريل هڪ وڏي عرصي کان هن بهترين بااعتماد اداري جي بد نامي ۽ بي اعتمادي جو ڪارڻ جتي اتي داخل انتظامي عهديدار رهيا آهن اتي وقت جون سياسي حڪومتون پڻ ملوث هجڻ جو وڏو ڪارڻ بڻايو پيو وڃي.!! 2011 ۽ 2012 جي وچ ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي نتيجن ۾ وقت جي سنڌ حڪومت جنهن جي واڳ سيد قائم علي شاه جي هٿ ۾ هئي تنهن وڏي ڪوشش ڪري بدنيانتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جو هو وڏي ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي ڪندي بندر بانٽ ڪرڻ واري هڪ لسٽ جاري ڪندي ان وقت جي چيئرمين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ خاص ميمبرز تي زور ڀريو ته شفارشي لسٽ کي ترجيح ڏئي نتيجا پڌرا ڪيا وڃن!!! بهرحال ان وقت جي بيمار چيئرمين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين امريڪا علاج لاءِ وڃڻ کان اڳ ميمبرز سان مشورو ڪري لسٽ جاري ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي هئي.!! پر سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڪجهه اهم ميمبرز پنهنجي فرض شناسي جو مظاهرو ڪندي چيئرمين ڪميشن سان ان حڪومتي ۽ سياسي لسٽ تي اختلاف نوٽ هڻڻ جي ڳالهه رکي ۽ سندن مشوري کي ترجيح ڏيندي ان وقت جي صدر پاڪستان آصف علي زرداري سان رابطو ڪري ان روداد يا قصي کان بريف ڪيو جنهن تي فيصلو ٿيو ته رزلٽ اهليت ميرٽ تي جاري ڪيا وڃن.

ان سال ان وقت جي چيف منسٽر سنڌ قائم علي شاه کي جڏهن اها خبر پئي ته ڪجهه ميمبرز سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن اختلاف ڪندي چيئرمين ڪميشن سان مشورو ڪيو آهي ته شفارشي لسٽ کي رد ڪيو ويندو ته ان وقت سنڌ اسيمبليءَ جي هلندڙ اجلاس ۾ هڪ قرارداد آڻي انهن اختلاف رکندڙ ۽ ميرٽ کي ترجيح ڏيندڙ ميمبرز جي پنج سالن واري مدي کي آئيني طور پاس ڪرائي 2 سالن تائين ڪري هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو!! بهرحال قصو قدرت واري کي منظور ڪونه هو سو قدرت واري ان وقت صدر پاڪستان آصف علي زرداري کي اسلام آباد کان ڪراچي دوري جي توفيق ڏني ۽ ان وقت جي طاقتور صوبائي وزير داخلا ڪيس کي عرض رکيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ هي ڪم ٿئي پيو؟ تنهن جو نوٽيس وٺي ايئرپورٽ تائين وقت جي وزيراعلي کي بلاول هائوس پهچڻ جو سڏ ٿيو ۽ اتي اهم پارٽي اڳواڻن سامهون هدايتون جاري ٿيون ته اسيمبلي ۾ پبلڪ سروس ڪميشن بابت ٿيندڙ بل يا قرارداد پاس ڪرائڻ واري حرڪت بند ٿيڻ کپي ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جا نتيجا ميرٽ تي شفافيت کي برقرار رکي جاري ڪرايا وڃن. اڄ انهن ماڻهن مان ڪي هن دنيا مان هليا ويا ۽ ڪي اڃان آهن جيڪي آهن سي سکون جي زندگيءَ جا آخري سال گذارن پيا ۽ چيئرمين ان وقت جو خبر ناهي سخت بيمار هو نتيجا جاري ڪرائي علاج لاءِ امريڪا هليو ويو هو ن وقت خبر ناهي دنيا ۾ آهي الائي ڪونه باقي پاس ٿيندڙن جون دعائون سندس لاءِ ڪنهن ميراث کان گهٽ ڪونه هونديون. ان کان پوءِ هن وقت تائين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ جيڪو ڪجهه ٿيندو پيو اچي سو ڪنهن پريشانيءَ کان گهٽ ناهي ته شفافيت ۾ ڪرپشن ٿئي ته پوءِ صوبائي کاتن جي اهميت ڪٿي بچندي..؟؟ هن وقت ۽ اداري سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي انتظاميه جي اختيارن هيٺان هي هڪ گذريل ڏينهن حرڪت ناهي ٿي.!! پر اهڙيون حرڪتون مختلف مرحلن تي جڻ ته روز جو معمول بڻجي ويون آهن.!! ان ڪري اسان جي حڪومت کي کپي ته مختلف ميگا اسڪينڊلز جي بنياد تي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن اندر انتظاميه ذريعي ٿيندڙ امتحاني بيقاعدگين کان ويندي نتيجن جي هير ڦير،وڪري جي بازار ۽ ههڙا گذريل ڏينهن جهڙن اسڪينڊلز جي بنياد تي وڏي شفاف ڪردارن جي بنياد تي ڪميشن جوڙي ملوث ڪردارن کي سخت سزائون ڏئي عبرت جو نشانو بڻائڻ کپي. ملوث ڪردارن جي هميشه نوڪري ختم ڪئي وڃي .سنڌ جي تعليمي اداري ۾ استاد جي ڀرتيءَ وارن ڪرپشن سبب وڪرو جي بنياد تي وائرل ٿيل سوالن واري پيپر واري واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ملوث ڪردارن کي ڪيفر ڪردار تي پهچايو وڃي. صوبائي،قومي ۽ عوامي تقاضا اها آهي ته هاڻي قوم ،عوام ،ادارن جي ساک ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي شفافيت واري اعتماد جي بحاليءَ ۽ صوبي جي انتظامي بهتري،کان ويندي اهليت ۽ بهتريءَ لاءِ قومي،صوبائي،عوامي ۽ ادارتي ڀلائيءَ لاءِ تڪڙا،سخت ۽ ايماندارانا فيصلا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت پڻ آهي. ٻي صورت ۾ تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ دنيا جنهن کي انفارميشن ٽيڪنالوجي، آرٽيفيشل انٽيليجنسي ۽ موسمي تبديلين واري گلوبل آرڊر کان ويندي انٽرنيشنل آرڊرز واري دور ۾ اسانجو ماڻهون ميرٽ جي لتاڙ سبب جديد دور جي چيلنجز جو مقابلي ڪرڻ جي سگهه وڃائي ويهندو. پنهنجي نااهليت ۽ غير شفافيت اسان جي قومي ،عوامي ۽ صوبائي ادارن لاءِ وڏا چيلنجز آڻي سگهي ٿي جيڪي اسان لاءِ ڪنهن سخت امتحان کان گهٽ ڪونه هوندا.

واڌايون پيش ڪيان ٿي، پنجاب جي عوام جا ٿورا مڃان ٿي. هن چيو ته وڏي انگ ۾ نوجوان ايم پي ايز اسيمبلي ۾ آيا، مان چونڊ نتيجن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن به آرام ناهي ڪيو پنجاب ۾ خدمت جا نوان رڪارڊ قائم ڪنداسين. سندس چوڻ هو ته پنجاب جي پهرين عورت وزيراعلىٰ جو اعزاز تمام وڏو آهي، شهباز شريف ترقي جي اسپيڊ کي برقرار رکيو. اسان اهو سفر جاري رکنداسين. مريم نواز چيو سڀني تڪن ۾ اهڙا ڪم ڪنداسين ته جيئن 5 سالن ڪانپوءِ ڪا خامي نه رهي، محفوظ پنجاب جي پراجيڪٽ تي ڪم ڪنداسين. سيف سٽي پراجيڪٽ کي پنجاب جي سڀني شهرن تائين وٺي وينداسين. ٻهراڙي جي علائقن لاءِ به گڏيل پروگرام آڻي رهيا آهيون.

بقايا *** 07

ڪري ورتو آهي. مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز جي سربراهي ۾ جاتي امرا ۾ پارلياماني پارٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ پنجاب اسيمبلي جي نون چونڊيل ميمبرن شرڪت ڪئي. جڏهن ته مريم نواز اميدوارن جي لاءِ مانجهاندي جو به اهتمام ڪيو ذريعن موجب اجلاس ۾ ليگي ميمبرن سميت آزاد ميمبر به شريڪ ٿيا جڏهن ته مخصوص سيٽن لاءِ نامزد ميمبر به اجلاس ۾ شامل ٿيا. اجلاس ۾ ٽوٽل 218 ميمبر شريڪ ٿيا. ذريعن ٻڌايو آهي ته اجلاس ۾ پنجاب اسيمبلي جي نون چونڊيل ميمبرن مريم نواز کي پنجاب جي وزيراعلىٰ بڻائڻ تي خوشي جو اظهار ڪيو ٻئي طرف مسلم ليگ(ن) پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر لاءِ مجتبيٰ شجاع الرحمان جي نالي تي اتفاق ڪري ورتو آهي. جڏهن ته پنجاب اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر لاءِ ظهير چنڙ جو نالو غور هيٺ آهي.

بقايا *** 08

جي پهرين ترجيح هوندو ۽ هو ن ليگ لاءِ به قبول هوندو. واضح رهي ته وفاق ۽ صوبن ۾ حڪومت سازي لاءِ ن ليگ ۽ پ پ وچ ۾ معاملا طئي ٿي ويا آهن. جنهن تحت شهباز شريف وزيراعظم هوندو ۽ آصف زرداري صدر لاءِ گڏيل اميدوار هوندو. ذريعن موجب سينيٽ چيئرمين پ پ ۽ ڊپٽي چيئرمين ن ليگ جو هوندو. جڏهن ته قومي اسيمبلي اسپيڪر ن ليگ ۽ ڊپٽي اسپيڪر پ پ جو هوندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته بلوچستان جو وڏو وزير پ پ جو هوندو. ن ليگ ۽ پ پ گڏجي حڪومت ٺاهينديون. سنڌ ۽ بلوچستان جو گورنر ن ليگ، پنجاب جو گورنر پ پ جو هوندو. جڏهن ته پ پ پنجاب جي صوبائي ڪابينا ۾ شامل نه هوندي.

بقايا *** 09

عام چونڊون ڪالعدم قرار ڏيڻ واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. درخواست گذار برگيڊيئر رٽائرڊ علي خان چونڊن ۾ ڌانڌلي جي جاچ ۽ ٻيهر اليڪشن ڪرائڻ جي استدعا ڪئي هئي. سپريم ڪورٽ 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن کي ڪالعدم قرار ڏيڻ واري درخواست رد ڪندي درخواست گذار تي 5 لک رپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پڇائو ڪيو ته علي خان ڪير آهي؟. ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته درخواستگذار علي خان رٽائرڊ برگيڊيئر آهي. جنهن جو 2012ع ۾ ڪورٽ مارشل به ٿيو هو ساڻس رابطو نه ٿي سگهيو آهي. هن سپريم ڪورٽ کي بحرين وڃڻ لاءِ اي ميل موڪلي هئي. عدالتي حڪم ۾ چيو ويو آهي ته رياست ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ته جنهن شخص جو ڪورٽ مارشل ٿيو آهي اهو برگيڊيئر جو رينڪ استعمال نه ڪري. واضح رهي ته سپريم ڪورٽ 19 فيبروري تي بچاءَ واري وزارت ذريعي نوٽيس جاري ڪيو هو. پر برگيڊيئر رٽائرڊ علي خان عدالت ۾ پيش نه ٿيو ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته پوليس به درخواست گذار جي گهر وئي هئي، بچاءَ واري وزارت ذريعي ڪيس نوٽيس موڪليو ويو. پر علي خان گهر ۾ نه هيو نوٽيس گهر جي گيٽ تي لڳايو ويو هو.

بقايا *** 10

ميمبرن شرڪت ڪئي. ذريعن موجب اجلاس ۾ ليگي ميمبرن سميت آزاد ميمبر به شريڪ ٿيا. جڏهن ته مخصوص سيٽن لاءِ نامزد ميمبر به اجلاس ۾ شامل هئا. اجلاس ۾ ڪُل 218 ميمبر شريڪ ٿيا. پارلياماني پارٽي جي اجلاس ۾ ن ليگ جي 137 ڪامياب اميدوارن، مخصوص سيٽن لاءِ نامزد 58 عورتن ۽ ن ليگ ۾ شامل ٿيندڙ 22 کان وڌيڪ آزاد ميمبرن شرڪت ڪئي. واضح رهي ته پنجاب ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ 186 ميمبرن جي حمايت گهربل آهي.

بقايا *** 11

سگهجي ٿي. هوڏانهن ايم ڪيو ايم ۽ ن ليگ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور اسلام آباد ۾ ٿيو جنهن ۾ ٻنهي حڪومتي سيٽ اپ ۾ گڏ هلڻ تي اتفاق ڪيو آهي.

بقايا *** 12

تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن ۽ پارٽي جي اليڪشن ڪميشن جلد انٽرا پارٽي چونڊن جو شيڊيول جاري ڪندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چئني صوبن، اسلام آباد ۽ گلگت بلتستان ۾ انٽرا پارٽي چونڊون ٿينديون. ذريعن موجب باضابطا شيڊيول پي ٽي آءِ باني جي منظوري ڪانپوءِ جاري ڪيو ويندو. پينل وائز اميدوار انٽرا پارٽي چونڊن ۾ حصو وٺندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته عام چونڊن سبب عمران خان انٽرا پارٽي چونڊون روڪيون هيون پر فيبروري جي آخر يا مارچ جي شروعات ۾ اليڪشن ڪرائي ويندي. واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن ٻه ڀيرا پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن ڪالعدم قرار ڏني هئي. انٽرا پارٽي اليڪشن منظور ٿيڻ ڪانپوءِ تحريڪ انصاف جماعت طور ضمني چونڊن ۾ حصو وٺي سگهندي.

بقايا *** 13

جاري ڪيو ويو آهي، جنهن موجب ڪينسر، ويڪسين ۽ اينٽي بائيوٽڪ دوائن جا اگهه وڌايا ويا آهن. صحت واري وزارت جي اختيارين موجب ڊريپ حڪومت کي 262 دوائن جا اگهه وڌائڻ جي سمري موڪلي هئي پر حڪومت 146 دوائن جي اگهن ۾ واڌ ڪئي آهي. اختيارين جو چوڻ آهي ته لسٽ ۾ شامل 116 دوائن جا اگهه فارماسوٽيڪل ڪمپنيون پاڻ وڌائينديون، حڪومت هاڻ رڳو نيشنل اسينشل ميڊيسنز لسٽ ۾ شامل 464 دوائن جي اگهن تي ڪنٽرول رکندي. واضح رهي ته حڪومت دوائن جا اگهه ڊي ريگوليٽ ڪري فارماسوٽيڪل ڪمپنين کي اگهه پاڻمرادو وڌائڻ جي اجازت ڏني هئي.

بقايا *** 14

هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ بلوچستان ۾ حڪومت سازي لاءِ مشاورت ڪئي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پ پ بلوچستان جي وڏي وزارت لاءِ ٽن نالن تي غور ڪيو جن ۾ صادق عمراڻي، ثناءُ الله زهري ۽ سرفراز بگٽي جا نالا شامل آهن.

بقايا *** 15

قومي اسيمبلي ۾ 180 سيٽن جي برتري حاصل آهي. هن چيو ته 82 ڪامياب آزاد ميمبر سني اتحاد ڪائونسل ۾ شامل ٿي چڪا آهن. رهيل 10 ميمبر به شامل ٿي ويندا. اسان 29 فيبروري تي پارليامينٽ وينداسين. اتي ويهنداسين. پنهنجي اڪثريت لاءِ ڪوشش ڪنداسين. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته جيڪڏهن اسان جون سيٽون بحال نه ٿيون ته اسان اپوزيشن ۾ ويهنداسين پر (ن) ليگ يا پيپلز پارٽي سان ڳالهين جو ڪوبه ارادو نه آهي. جي يو آءِ سان اسان جو ڪوبه اتحاد نه آهي. انهن سان الائنس نه اڳ هو نه ئي وري هاڻ آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عدالت ۾ ميڊيا جي سامهون خان صاحب سان اها ڳالهه ٿي ته اوهان وٽ آفر آئي آهي؟ جنهن تي هن چيو ته هڪ آواز جيڪا اسان وٽ آئي آهي ته اوهان 3 سالن لاءِ انتظار ڪريو. هن وڌيڪ وضاحت ڪندي ٻڌايو ته ان جو مطلب هو ته اوهان پوئتي هٽي وڃو ۽ ڪنهن ٻئي کي اڳتي اچڻ ڏيو اوهان جيل ۾ رهو يا ٻاهر اچو پر سياست نه ڪريو. بيرسٽر گوهر وڌيڪ چيو ته ڪجهه ماڻهو جيڪي ٻين پارٽين ۾ وڃڻ وارا هئا اهي هليا ويا آهن. رهيل ماڻهو پابند آهن. مشڪل وقت گذري ويو. پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊن جو شيڊيول هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ اچي ويندو. مارچ جي پهرين هفتي تائين پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائي چڪي هوندي.

بقايا *** 16

ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران ڪي ايم عمارتن جي معائني بابت رپورٽ جمع ڪرائي. ڪي ايم سي جي رپورٽ موجب آءِ آءِ چندريگر روڊ، خالد بن وليد روڊ ۽ شاهراهه فيصل تي 200 کان وڌيڪ عمارتن جو معائنو ڪيو ويو انهن 200 کان وڌيڪ گهڻ ماڙ عمارتن جي تعمير ناقص مٽيريل ۽ بنا منصوبابندي جي ڪئي وئي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته عمارتن ۾ فائر فائٽرز سسٽم، هنگامي طور نڪرڻ جا در ۽ ٻيا انتظام ناهن. انهن عمارتن کي اين او سي جاري ڪندي ڪي ايم سي کان به راءِ نه ورتي وئي. رپورٽ موجب جائزو وٺڻ بنا انهن عمارتن کي مڪمل ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا، غير قانوني اڏاوتن ۽ اين او سي ڏيندڙن خلاف ڪارروائي ضروري آهي. رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته اينٽي ڪرپشن ملوث ايس بي سي اي آفيسرن ۽ بلڊرن خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 17

سيٽن جو مستقبل اليڪشن ڪميشن جي هٿ ۾ آهي. رپورٽ موجب مخصوص سيٽن جي ڊوڙ مان ٻاهر ٿيل 13 پارٽين ۾ جماعت اسلامي، جي يو آءِ(ف)، تحريڪ لبيڪ، اي اين پي، آءِ پي پي، مسلم ليگ ضياءِ، پختونخواهه ملي عوامي پارٽي، گريٽر ڊيمو ڪريٽڪ الائنس شامل آهن. مسلم ليگ(ق) کي به مخصوص سيٽون حاصل ڪرڻ لاءِ پريشانيون سامهون اچي رهيون آهن. اهڙي طرح پي ٽي آءِ پارليامينٽرين جي ارمانن تي به پاڻي ڦيرايو ويو. مرڪزي مسلم ليگ نيشنل پارٽي، بلوچستان عوامي پارٽي، بلوچستان نيشنل پارٽي به گهربل نتيجا حاصل نه ڪري سگهي. جن پارٽين کي مخصوص سيٽون ملنديون انهن ۾ مسلم ليگ(ن) کي قومي اسيمبلي ۾ 16 عورتن ۽ 4 اقليتن جون مخصوص سيٽون ملڻ جو امڪان آهي. پيپلز پارٽي کي 11 عورتن ۽ 2 عورتن جون مخصوص سيٽون ملڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ايم ڪيو ايم کي قومي اسيمبلي ۾ عورتن جون 4 ۽ هڪ اقليتي سيٽ ملڻ جو امڪان آهي. پي ٽي آءِ کي 27 مخصوص سيٽن جو مستقبل اليڪشن ڪميشن جي هٿ ۾ آهي. اليڪشن ڪميشن جي راضپي تي عورتن جون 23 ۽ 4 اقليتي سيٽون سني اتحاد ڪائونسل کي ملنديون.

بقايا *** 18

خارج هجڻ جي حد تائين فيصلي سان اختلاف ڪيو سپريم ڪورٽ مختصر فيصلي ۾ چيو ته جج خلاف هڪ ڀيرو ڪارروائي شروع ٿي وڃي ته جج جي استعيفي سان ڪارروائي ختم نه ٿيندي، مستعفي جج خلاف ڪارروائي جاري رکڻ جوڊيشل ڪائونسل جو اختيار هوندو. سپريم ڪورٽ جي مختصر فيصلي موجب رٽائرڊ ججن خلاف ٻڌڻي هيٺ شڪايتن تي ڪارروائي ڪرڻ يا نه ڪرڻ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو اختيار آهي. جسٽس امين الدين خان چيو ته تفصيلي سبب پوءِ جاري ڪيا ويندا.

بقايا *** 19

گاڏي هلائڻ ۾ احتياط سان ڪم وٺن. چيف ٽريفڪ آفيسر چيو ته مري جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي سياح سٺي ۽ مڪمل فٽ گاڏي جي چونڊ ڪن. سي ٽي او وڌيڪ چيو ته مري ۽ پنجاب کان ايندڙ رستن تي ٽريفڪ روان دوان آهي. برفباري ۽ برسات سبب ٽريفڪ سست رفتاري جو شڪار آهي. چيف ٽريفڪ آفيسر چيو ته مري ۾ صرف لائسنس هولڊر ڊرائيورن کي داخلا جي اجازت ڏني وئي آهي. برفباري ۾ ٽائرن تي چين جو استعمال ڪيو وڃي. سياح اضافي گرم ڪپڙا گڏ آڻين. مري ۽ گليات ۾ اڄ به هلڪي برسات ۽ برفباري جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 20

جا ٻار نه هئا. انهن کي عمري تي نه وڃڻو هو عدالت چيو ته اسان شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو آهي، سومر تائين جواب ڏيو هي ڪيس ڪالهه مڪمل ٿيڻو هو پر اوهان جي ڪري مڪمل نه ٿي سگهيو ڇا اوهان کي عدالت جي آرڊر جي خبر نه هئي؟ جنهن تي ڊي سي اسلام آباد چيو ته هن ڪيس ۾ 18 ٻڌڻيون ٿيون ڪنهن به ٻڌڻي ۾ غير حاضر نه ٿيس، مان عدالتي توهين جو سوچي به نٿو سگهان، پنهنجو پاڻ کي هن عدالت جي رحم ڪرم تي ڇڏيان ٿو ٻڌڻي دوران ڊي سي اسلام آباد جي وڪيل راجه رضوان عباسي عدالت کي درخواست ڪئي ته اوهان ڪاوڙ ۾ آهيو هن ڪيس جي ڪجهه دير کان پوءِ ٻڌڻي رکو؟ جنهن تي جسٽس بابر چيو ته ڇا هاڻ اوهان جي مرضي موجب بينچ ٺهندي. ان دوران ايس ايس پي آپريشنز اسلام آباد جميل ظفر به عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت جي پڇائي تي ايس ايس پي آپريشن جميل ظفر پنهنجي موقف ۾ چيو ته اسان جو فوڪس اڳواڻن تي هو ان تي جسٽس بابر ستار پڇاڻو ڪيو ته هڪ ماڻهو اڳ ئي جيل ۾ آهي. ان سان ڇا ڪندو؟ ٻيهر ڪيس جيل ۾ وجهندو؟ جنهن تي ايس ايس پي جميل ظفر عدالت کان غير مشروط معافي گهري ورتي. جسٽس بابر ستار چيو ته هن ڪيس تي ايندڙ هفتي فيصلو ڏينداسين جنهن کان پوءِ ڌرين جا دليل مڪمل ٿيڻ کان پوءِ عدالت ڊي سي اسلام آباد جي غير مشروط معافي جي استدعا رد ڪري ڇڏي ۽ ڪيس پڙهيه وڃڻ کان به روڪي ڇڏيو عدالت ڊي سي اسلام آباد کي شوڪاز نوٽيس جو سومر تائين جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا *** 21

ڪندي هن چيو ته روزاني هڪ لفافو کوليو وڃي پر انهن کي لڳي ٿو ته 8 ڏينهن ۾ مخلوط حڪومت بڻجي ويندي. سياسي ۽ جمهوري طور تي اهي مثل آهن حالتن ۽ واقعن جي ڪري ڊيڊ لاڪ اڃان تائين برقرار آهن. فيصل واوڊا چيو ته حڪومت ٺاهينداسين اقتدار جا به مزا وٺنداسين. رٽائرڊ اڳواڻن جو ته اوهان مزو وٺي ڇڏيو آهي پر قوم اوهان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته اوهان ڪٿي بيٺل آهيو ۽ اوهان جي اوقات ڇا آهي؟ اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته اوهان (ن) ليگ جي ڪري دانهون ڪري رهيا آهيو ڪنڊن جو تاج اوهان انهن کي پارائي ڇڏيو آهي، ڪنڊن جو تاج ن ليگ جي مٿي تي نه، پر ڪرسي تي رکيو ويو ۽ چيو ويو ته انهي تي ويهو جنهن کان پوءِ جهٽڪو به لڳو ۽ دانهن به نڪتي. هن چيو ته پيپلز پارٽي جو مٿو اڳرين ۽ جسم ڪڙاهي ۾ آهي. (ن) ليگ پنجاب ۾ ايئر ڪيوليئر ٿي ويندي، اها هاڻ هر ڪنهن سان سيٽ ٿي ويندي ڪجهه دير هلندي پوءِ ويهي رهندي. هي(ن) ليگ جو آخري فيوچر آهي. مولا جٽ جي سياست نٿي هلي سگهي.

بقايا *** 22

۾ اتحادي حڪومت جو قيام پاڪستان جو اندروني معاملو آهي ۽ هو پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت نٿا ڪرڻ چاهين. سندن چوڻ هو ته پاڪستان اليڪشن بابت ڌانڌليءَ جون وڊيوز ڏٺيون آهن، هو چاهين ٿا ته ڌانڌلي ۽ فراڊ جي شفاف جاچ ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته عام چونڊن ۾ مداخلت ۽ ڌانڌلي الزامن جي جاچ پاڪستان جي آئين ۽ قانون موجب ٿيڻ گهرجي.

بقايا *** 23

جي وفدن وچ ۾ ملاقات دوران بلوچستان ۾ حڪومت سازي تي صلاح مشورو ڪيو ويو . جي يو آءِ جي سيڪريٽري عبدالغفور حيدري جو چوڻ هو ته جي يو آءِ ۽ نون ليگ گهٽ ۾ گهٽ بلوچستان ۾ حڪومت ٺاهي سگهن ٿيون. ان تي ن ليگ اڳواڻ اسحاق ڊار چيو ته اسان چاهيون پيا ته گڏجي ڪم ڪيون پر اوهان گهڻي دير ڪري ڇڏي، گذريل چئن ڏينهن کان اوهان رابطو ڪري رهيا هئاسين پر رابطو نه ٿيو اسحاق ڊار جو چوڻ هو ته هاڻي پيپلز پارٽي سان معاهدو ڪري ورتو آهي.ن ليگ بلوچستان ۾ پ پ سان گڏجي حڪومت ٺاهيندي. اسحاق ڊار وڌيڪ چيو ته جي يو آءِ اسان جو پراڻو ساٿ آهي. اسان سرد موسم ۾ گڏ هليا آهيون. جي يو آءِ جي اڄ بابت اعليٰ قيادت کي آگاهه ڪيو ويندو. جو ته ان معاملي تي اعليٰ قيادت ئي ڪو فيصلو ڪري سگهي ٿي.

بقايا *** 24

پهچي وئي. ذريعن موجب. پنجاب پوليس اسپيڪر هائوس ٻاهران ميان اسلم کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ميان اسلم جي گرفتاري دوران پي ٽي آءِ ڪارڪنن مزاحمت ڪئي ۽ ڪيس ٻيهر اسپيڪر هائوس وٺي ويا. ان کان اڳ پشاور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ ميان اسلم اقبال جي چار مارچ تائين راهداري ضمانت منظور ڪئي هئي. عدالت حڪم ڏنو ته درخواست گذار چار مارچ تائين لاهور هاءِ ڪورٽ يا لاڳاپيل عدالتن ۾ پيش ٿئي. پيش نه ٿيڻ جي صورت ۾ حڪم واپس ورتو ويندو هاءِ ڪورٽ حڪم نامي جي ڪاپي لاڳاپيل عدالت ۽ پوليس ٿاڻي ڏانهن موڪلڻ جي به هدايت ڪئي هئي.

بقايا *** 25

ليگ ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ معاملا طئي ٿيا هئا. ذريعن موجب. سينيٽ چيئرمين پ پ ۽ ڊپٽي چيئرمين ن ليگ جو هوندو. جڏهن ته قومي اسيمبلي جو اسپيڪر ن ليگ ۽ ڊپٽي اسپيڪر پ پ جو هوندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته بلوچستان ۾ ن ليگ ۽ پ پ جي گڏيل حڪومت هوندي. جڏهن ته وڏو وزير پ پ جو هوندو. ذريعن موجب، سينيٽ چيئرمين لاءِ اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني مضبوط اميدوار آهي.

بقايا *** 26

گورنر شپ جي ڊوڙ ۾ شامل آهن. پاور نصير ۽ امجد آفريدي به گورنر شپ جا اميدوار هوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته فيصل ڪريم ڪنڊي گورنر لاءِ مضبوط اميدوار آهي. ان کان اڳ پنجاب ۾ گورنر جي عهدي لاءِ امڪاني نالا سامهون آيا هئا. ذريعن موجب، پنجاب جي گورنر لاءِ مخدوم احمد محمود، قمر زمان ڪائرا ۽ نديم افضل چن جا نالا غور هيٺ آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته مخدوم احمد محمود پارٽي قيادت جي پهرين ترجيح هوندو ۽ هو ن ليگ لاءِ به قابل قبول هوندو.

بقايا *** 27

هڪ بيان ۾ اسرائيلي وزيراعظم چيو ته مٿس تمام گهڻو دٻاءُ آهي ته پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ کانسواءِ جنگ ختم ڪن ۽ ڪنهن به قيمت تي يرغمالين جي آزاديءَ لاءِ معاهدي تي پهچي سگهن پر هو حماس جون شرطون قبول نٿا ڪري سگهن. نيتن ياهو چيو ته حماس جا شرط مڃڻ ۽ يرغمالين کي واپس آڻڻ جو مطلب اهو هوندو ته اسرائيلي رياست حماس جي سامهون پنهنجي شڪست قبول ڪئي آهي. ٻئي پاسي اسرائيلي ريڊيو سان ڳالهائيندي اسرائيلي وزير بيزليل سيموٽرڪ چيو ته نيتن ياهو واضح ڪري چڪو آهي ته اسرائيلي يرغمالين جي آزادي جي ڪا به قيمت ادا نه ڪندا. سيموٽرڪ چيو ته يرغمالين جي آزادي اسرائيلي وزيراعظم لاءِ به تمام ضروري آهي، ان جي ڪا به قيمت ادا نه ڪئي ويندي پر غزه تي فوجي دٻاءُ وڌائڻ دوران حماس کي شڪست ڏئي سمورن يرغمالين کي آزاد ڪرايو ويندو.

بقايا *** 28

منصور ناجي پنهنجي پيءُ جي لاڏاڻي جي تصديق ڪئي آهي. نذير ناجي جي عمر 81 ورهيه هئي، خاندان موجب نذير ناجي وڏو عرصو بيمار هيو.

بقايا *** 29

جي بازيابي لاءِ درخواست تي ٻڌڻي ڪئي ۽ آخري ٻڌڻي جو لکت ۾ حڪمنامو جاري ڪري ڇڏيو آهي. رپورٽس موجب حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته ڊي جي انٽرسروسز انٽيليجنس(آءِ ايس آءِ)، ڊي جي ملٽري انٽيليجنس(ايم آءِ) ۽ ڊي جي انٽيليجنس بيورو(آءِ بي) تي مشتمل ڪميٽي ٺاهي وئي آهي. جسٽس محسن اختر ڪياني لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪيو آهي ته ڪميٽي لاڳاپيل ضلعي ۽ ڊويزن جي سيڪٽر ڪمانڊر کان معلومات وٺي رپورٽ پيش ڪندي ۽ جبري گمشدگي ۾ ملوث ماتحت عهديدارن خلاف ڪارروائي لاءِ سفارشون به پيش ڪندي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نگران وزيراعظم، گهرو ۽ دفاع جي وفاقي وزيرن ۽ سيڪريٽريز کي به ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪندي ٻڌڻي 28 فيبروري تائين ملتوي ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 30

ڇڏي. نوٽيفڪيشن موجب اعليٰ سطحي جي آءِ ٽي 5 ميمبرن تي ٻڌل هوندي. ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل ايف آءِ اي جي آءِ ٽي سربراهه هوندو جي آءِ ٽي ۾ آءِ ايس آءِ ۽ آءِ بي جا آفيسر شامل هوندا. ان کانسواءِ 20هين گريڊ جا پي ٽي اي ۽ نادرا آفيسر به ٽيم ۾ شامل هوندا. گهرو وزارت جي سمري تي ڪابينا کان سرڪوليشن ذريعي منظوري ورتي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سوشل ميڊيا مهم ذريعي آفيسرن کي بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جي آءِ ٽي ذميوارن جو پتو لڳائي ڪيس داخل ڪرڻ جي سفارش ڪندي. ذريعن موجب جاچ دوران آءِ ٽي ماهرن جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي منظوري به ڏني وئي.

بقايا *** 31

. ان ڳالهه جو انڪشاف مشهور اداري گيلپ پاڪستان جي نئين سروي ۾ ٿيو آهي. گيلپ پاڪستان جي سروي موجب، 44 سيڪڙو پاڪستانين چيو ته هو پنهنجي مالي حالت سبب پريشان آهن. سندن چوڻ هو ته جيڪڏهن گذريل ڏهن سالن جي ڀيٽ ڪئي وڃي ته هو مالي طور وڌيڪ ڪمزور ٿيا آهن.

بقايا *** 32

حڪومتون پنهنجي 5 سالن وارو آئيني مدو پورو ڪنديون. هن چيو ته نئون اين ايف سي ايوارڊ جيڪو هن وقت تائين نه ڏنو ويو آهي اهو اين ايف سي ايوارڊ جاري ڪيو ويندو جنهن تحت صوبن جو حصو وڌايو ويندو چاڪاڻ ته آئيني طور تي اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو نه وڌائي سگهجي ٿو پر گهٽائي نه ٿو سگهجي. هن چيو ته مضبوط صوبا مضبوط وفاق جي علامت هوندا آهن ان ڪري صوبائي خودمختياري تحت صوبن کي وڌيڪ معاشي طور مضبوط بڻايو ويندو. هن چيو ته ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي کان پوءِ جيڪي وزارتون وفاق کان صوبن ڏانهن منتقل نه ڪيون ويون انهن وزارتن کي صوبن ڏانهن منتقل ڪيو ويندو ۽ انهن وفاقي وزارتن جا خرچ صوبن ڏانهن منتقل ٿيڻ سان صوبا هيٺين سطح تائين بيروزگاري ۽ غربت جي خاتمي لاءِ وسيلا ڪتب آڻي سگهندا ۽ اهو ئي پيپلز پارٽيءَ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران عوامي معاشي معاهدي وارو منشور هيو جنهن تي عمل درآمد ڪرايو ويندو ته جيئن غريب عوام جي زندگي بهتر ٿي سگهي. هن چيو ته 18 هين ترميم ان ئي صورت ۾ برقرار رهندي ۽ 18 هين ترميم جي خالق آصف علي زرداري جي اها ڪوشش هوندي ته 18 هين ترميم تي من وعن عمل ڪرائجي ته جيئن ملڪ ۾ جمهوري ۽ سياسي استحڪام پيدا ٿئي ۽ جمهوريت وڌيڪ مضبوط ٿئي. هن چيو ته جيڪي ماڻهو چاهين پيا ته پارليامينٽ وجود ۾ نه اچي ۽ بحران پيدا ٿئي انهن کي منهن جي کائڻي پئجي وئي آهي. هن چيو ته وفاق ۾ ڪنهن به جماعت کي اڪثريت نه ملڻ سان ڪا به جماعت اڪيلي سر حڪومت نه پئي ٺاهي سگهي ان لاءِ پيپلز پارٽيءَ پارليامينٽ ۽ اسيمبلين کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ جمهوري ڪردار ادا ڪيو آهي ته جيئن حڪومت وجود ۾ اچي ۽ ملڪ کي ٻيهر چونڊن طرف نه وڃڻو پئي چاڪاڻ ته ملڪ ٻيهر چونڊن جو متحمل ٿي نه ٿو سگهي. هن وڌيڪ چيو ته آصف علي زرداري جي صدر هوندي صوبن جي وسيلن تي صوبن جو مڪمل حق تسليم ڪرايو ويندو. هن چيو ته سنڌ کي 1991ع واري پاڻي معاهدي تي عمل درآمد نه ٿيڻ ۽ سنڌ مان نڪرندڙ گيس جو حق صوبي کي نه ملڻ تي پڻ سخت اعتراض آهن. نئين وفاقي حڪومت کي سنڌ جي هنن خدشن کي ختم ڪرڻو پوندو چاڪاڻ ته پاڻي زندگي آهي ۽

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون ڪي دَرِدَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرا! ڪي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُن ڪي.

"گندي سياست کان پرهيز ڪيو"

حڪيم پريم چانڊوائي

"حقيقي سياست يعنيٰ خدمت،
ماڻهو مال ميڙن، ۽ دولت"

هر شخص پنهنجي زندگيءَ سان پيار ڪري ٿو، هر ڪو فرد خوش ۽ خوشحال رهڻ چاهي ٿو. هر انسان پنهنجي سڀني خواهشن ۽ ضرورتن جي پورائي يا تڪميل چاهي ٿو هر هڪ شخص دولت شهرت عزت، عظمت ۽ اهميت چاهي ٿو نيڪ انسان انسان اهو آهي، جيڪو هر پاڻ لاءِ چاهي ٿو اهوئي ٻين لاءِ به چاهي پر ڏاڍي ڏک سان چوڻو پوي ٿو ته هر ڪو صرف پنهنجي لاءِ ئي بهتري، ڀلائي ۽ ترقي چاهي ٿو پر جڏهن هو اعليٰ مقام ماڻي وٺي ٿو ته ٻين کي پوئتي ڌڪڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ مصروف مصروفتي وڃي ٿو جڏهن ماڻهو خودغرضي، جهڙي برائي، يا اوگڻ ۾ ڦاسي پوي ٿو ته ٻيا سڀ انسان ڪيس حقير ۽ ڪيڙا ماڪوڙا لڳڻ لڳن ٿا هو پنهنجي انا جي تسڪين خاطر اهڙا ته ڪريل ڪم ڪري ٿو جو انسانيت جو مفهوم مٽيءَ ۾ ملندي نظر اچي ٿو پنهنجي ٽڪي جي فائدي لاءِ ٻئي جو لکن جو نقصان ڪرڻ کان به نٿو ڪيٻائي ضد هٺ ڌرمي حق تلفي، ايذاءِ رساني عريانيت، جنسي بي راهه روي، جنسي حراسان ڪرڻ، ڪنهن تي تهمتون مڙهي ان کي ذهني دٻاءُ جو شڪار بڻائڻ، اڻنگو رويو روا رکڻ ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي شرمناڪ حرڪتون ۽ عادتون اپنائي ٿو مطلب ته اخلاقي پستي اپنائي ماڻهو پاڻ کي ڏاڍو يا طاقتور ٿو سمجهي ۽ جڏهن ان کي ڪا سزا نٿي ملي ته هو ڇڙواڳ جانور جيان ٻي مهار ٿي سڀني حدون ۽ ليڪا لتاڙيندو اڳتي وڌندو ٿو رهي جي اهڙي صورت ۾ جڏهن ڪيس ڪنهن پاڻ کان ڏاڍي سان پالو پوي ٿو ۽ ان سان پڄڻ جي سندس اوقات به نه هوندي آهي ته پوءِ هو سازشن جا جار وڇائڻ شروع ٿو ڪري ۽ هر صورت پنهنجي انا کي اوچو رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو ۽ اهو به وساري ويهي ٿو ته موت ۾ اڳلو به اگري موت ڏئي سگهي ٿو مان به ڪنهن مها چار ۾ ڦاسي سگهان ٿو پر ڪيس ايترو ته انڌ اکين تي چڙهيل هوندو آهي جو گهڙي کن جي فائدي لاءِ پنهنجي قيمتي جان ۽ زندگي به داءِ تي لڳائي ڇڏيندو آهي سوچڻ اهو گهرجي ته اگر مان سير آهيان ته ٻيو ڪو سوا سير يا ڏيڍ سير به ٿي سگهي ٿو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته جهيڙي جي صورت ۾ ٻنهي ڌرين جو غير تلافي نقصان ٿيندو آهي ۽ ذهني پريشانين جي سبب ننڊ پڻ حرام ٿي ويندي آهي ۽ ان بي سڪونيءَ جي صورتحال ۾ ٻنهي ڌرين جي ترقي يا تخليقي سگهه گهٽجي رڪجي يا سست رويءَ جو شڪار ٿي ويندي آهي ۽ اڳتي هلندي پڻ واري پوزيشن تي پهچي ويندي آهي اهو ئي سبب آهي جو ڪافي نواب ۽ وقت جا سلطان به روڊن تي رلندي ڏٺا ويا آهن جو ته آهي ته جهيڙو يا اٽڪاءُ نڪرن جو پاڻي به سڪائي ڇڏيندي آهي. تڪبر ۽ اڪڙ انسان کي منهن ڀر ڪيرائي وجهندي آهي پر سندس هوش، جوش واري حالت ۾ ورڻ جو نانءُ ئي نه وٺندو آهي ۽ آخر ڪيس ڪنهن اونهي کاهي ۾ ڪيرائي وجهندو آهي جو ندا آهن ته هٿي جو خير نه پنهنجو خير، پر اگر هٿي سان اڃائيو ته مجبور ٿي، ٿي سهي پر اڳلو به ايڪشن ۾ ضرور ايندو ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڦندي يا جار ۾ ڦاسائي سندس زندگيءَ کي زهر بنائي ڇڏيندو ڪڏهن ڪڏهن اهو به ڏٺو ويو آهي ته هڪ ڪمزور ملهه هڪ طاقتور ملهه کي منهن ڀر ڪيرائي وجهندو آهي. چوڻي آهي ته " ڪنهن کي گهٽ نه ڄاڻ جي پانئين پلو پنهنجو" اسان جنهن کي ڪمزور سمجهندا آهيون اهو پنهنجي جوڙاري اوترو ئي مضبوط ڪرت آڻيندو آهي يا ٻئي ڪنهن طور طريقي سان پاڻ کي مضبوط ڪري وٺندو آهي ۽ اسان غلط فهميءَ ۾ اجايو جوکم کڻي ويهندا آهيون جيڪو ٻئي جا پير ڪڍڻ چاهي ٿو ان کي پنهنجي مخالف کي ڪنهن به صورت ڪمزور نه سمجهڻ گهرجي هڪڙي سرڻ يا باز هڪ هيڏي ساري جهاز کي ڪيرائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو هڪ ننڍڙو ڪک اڏي اک ۾ پوي ٿو ته ڪيترو عذاب ڏي ٿو سو ڪنهن به ڪريل ڪم ڪرڻ کان اڳ جيڪڏهن ان جي نتيجن تي سوچبو ته ڪريل ڪم کان بچي پئبو ته جهان ڦاني پر جهيڙو باقي رهندو ايندو ۽ اهو سلسلو الائي ڪيترين پيڙهين کي عذابن جي گهاڻي ۾ پيڙهيندو رهندو چوڻي آهي ته جهيڙو ڪک جو به سٺو ناهي" ڪک به وڏي وٽ، جي اڏي پوي اک ۾ ته ڪيڏو وڏي ڏک" هيءَ دنيا مها چار آهي هر قدم سوچي سمجهي کڻڻو آهي. هر برائيءَ جو انجام برو آهي ڪڏهن ڪنهن شيءِ ڪي به ڪوٺي جي مدد درڪار ٿي سگهي ٿي خوامخواهه جون دشمنيون ۽ نفرتون وڌائڻ سان پنهنجي زندگي جهنم بڻجي ويندي آهي ملڪن ۾ وڌندڙ مسئلن ۽ ترقيءَ جو پوئين پيرين موٽڻ ملڪن جي معيشت جو ڏيوالو نڪرڻ ۽ روز بروز ابتر صورتحال ٿيڻ. اسان کي اهو سيکارڻ لاءِ ڪافي آهي ته ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي. محبت اها قوت آهي جيڪا دنيا کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري سگهي ٿي ۽ بقا بخشي سگهي ٿي. حل تمام سولو آهي پر الله پاڪ جڏهن اسان کي بهتريءَ، جي سوچ نصيب ڪرڻ فرمائي. پوءِ هيءَ دنيا جنت نظير بنجي ويندي. ڪنهن کي ڪو به مسئلو نه رهندو اگر ڪنهن کي ڪا تڪليف هوندي ته گڏجي سڏجي انجو حل ڳولي وٺبو ونڊي ورهائي کائبو ته ڪوئي بکيو نه رهندو همدرد رويا هوندا ته درد پڇي ويندا مسئلا ڀلي جبل جيڏا ڇونه هجن اسان جي همت ۽ حوصلي آڏو اٽ جيان ڳوڙا ڳوڙي ويهندا ڏک اسان تي تلاوليون نه ڪندا پر اسان انهن کي هيڙو هيڙو ڪنداسين اميد ۽ توڪل جي ترهي تي مها ساگر به پار ڪري سگهجي ٿو محبت جي قوت سان کير ۽ ماکي، جون نهرون وهائي سگهجن ٿيون هر فرهاد کي پنهنجي شيرين ملي سگهي ٿي ڪو به بندو بيوس ۽ بي سهارا نه هوندو هڪ ٻئي جي مدد سان ساري دنيا فتح ڪري سگهجي ٿي محبت سان سمورين دليون وس ۾ ڪري سگهجن ٿيون ۽ هر خواب کي سهڻي ۽ سٺي تعبير بخشي سگهجي ٿي انشاالله اهو سهانو سپنو اسان کي مثالي ۽ محبتي دنيا قائم ڪرڻ طرف رهنمائي ڪندو اڄ کان سڀ سپنا ڏسڻ شروع ڪيو ڇو ته سپنا ئي حقيقي تعبير جا رهنما هوندا آهن

ملڪن ۾ جيڪا ٻيرن ڪيڻ جي گندي سياست جو بنياد پئجي چڪو آهي، اهو ڪنهن به صورت ملڪ جي ڀلائي ۽ ٻهبود لاءِ انتهائي هاڃيڪار آهي اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن به قسم جي کوٽ يا ڪمي نه آهي، پر جيڪڏهن ديانتداري ۽ دل جي لڳن سان مسئلا حل ڪيا وڃن ته اسان پيارو وطن جيڪر ترقي يافته ملڪن ۾ شمار ٿئي انهيءَ لاءِ انتهائي ضروري آهي ته صاف ستري سياست ڪئي وڃي ۽ اسانجو هر قدم وطن جي بهتريءَ لاءِ کڻڻ گهرجي نه ڪي گندي سياست جي ڪري هڪ ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ ۽ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندي ملڪ ۽ ملت کي، ڏيواليئي جي ڪناري تي آڻي بيهارجي ۽ پوءِ سڪٽي گهوڙا گهوڙا ڪجي وقت جڏهن هٿن مان نڪري ويندو آهي ته پوءِ پڇتاءُ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪرڻ وس ۾ نه هوندو آهي ۽ اهو اهڙو نقطو هوندو آهي، جتان واپس ورڻ ناممڪن ۽ انتهائي مشڪل هوندو آهي ملڪ کي پنهنجي ذاتي مفادن سبب مقروض ڪري ملڪي معيشت کي انتهائي ڪمزور ڪري ڏيواليئي جي ڪنڌيءَ تي پهچائڻ ملڪي بقا لاءِ انتهائي هاڃيڪار آهي آزادي، جهڙي ڪا نعمت ناهي. آزاديءَ جو قدر انهن قومن کان پڇو جيڪي قومون محڪوم يا غلام آهن تنهن ڪري قومن قرضن جي ادائگيءَ جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ وڌيڪ قرض وٺڻ کان بنهه توبهه ڪرڻ گهرجي، ان کان سواءِ هڪ ٻئي کي برداشت ڪندي گندي ٻيرن ڪيڻ واري سياست کي الوداع چئجي

سنڌ کي پاڻيءَ تي زيادتي ڪنهن به صورت ۾ برداشت ناهي اُن ڪري سنڌ کي پاڻيءَ، ٿاڻي ۽ گيس تي پنهنجو مڪمل حق ڏنو وڃي اميد آهي ته وفاقي حڪومت سنڌ کي پنهنجا جائز حق ڏيندي.

بقايا *** 33

، پ پ وفاقي ڪابينا جو حصو نه بڻجندي، وزيراعظم شهباز شريف جو اختيار آهي ته ڪنهن کي ڪابينا جو حصو بڻائي ٿو سنڌ ۽ بلوچستان جي وڏن وزيرن جي نالن جو اڄ يا سڀاڻي اعلان ٿي ويندو خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته پيپلزپارٽي في الحال ڪابينا جو حصو نه ٿيندي ۽ ڪابينا جي جوڙجڪ شهباز شريف جو صوابديد آهي. سندس چوڻ هو ته پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جا گورنر پيپلزپارٽي جا هوندا. جڏهن ته سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مسلم نون جا هوندا. پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته سياست ۾ 5 ورهين جو معاهدو لکت ۾ نٿو ٿي سگهي، في الحال پ پ وفاقي ڪابينا ۾ شامل نه ٿيندي. پيپلزپارٽي وزيراعظم لاءِ ووٽ، اعتماد جو ووٽ ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر لاءِ ووٽ ڏيندي. هن چيو ته حڪومت جي قانون سازي ۾ مدد ڪئي ويندي، هو تنقيد براءِ اصلاح ڪندا، تنقيد براءِ تنقيد نه ڪندا. پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته اڃا ماڻهن جون نظرون بجيٽ ۽ آءِ ايم ايف ۾ آهن، نظر آيو ته حڪومت جي مجبوري آهي ته مدد ڪندا. سنڌ ۽ بلوچستان جي وڏن وزيرن جي نالن جو اڄ يا سڀاڻي اعلان ٿي ويندو.

بقايا *** 34

پهچي وئي. ذريعن موجب. پنجاب پوليس اسپيڪر هائوس ٻاهران ميان اسلم کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ميان اسلم جي گرفتاري دوران پي ٽي آءِ ڪارڪنن مزاحمت ڪئي ۽ ڪيس ٻيهر اسپيڪر هائوس وٺي ويا. ان کان اڳ پشاور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ ميان اسلم اقبال جي چار مارچ تائين راهداري ضمانت منظور ڪئي هئي. عدالت حڪم ڏنو ته درخواست گذار چار مارچ تائين لاهور هاءِ ڪورٽ يا لاڳاپيل عدالتن ۾ پيش ٿئي. پيش نه ٿيڻ جي صورت ۾ حڪم واپس ورتو ويندو هاءِ ڪورٽ حڪم نامي جي ڪاپي لاڳاپيل عدالت ۽ پوليس ٿاڻي ڏانهن موڪلڻ جي به هدايت ڪئي هئي.

بقايا *** 35

، پ پ وفاقي ڪابينا جو حصو نه بڻجندي، وزيراعظم شهباز شريف جو اختيار آهي ته ڪنهن کي ڪابينا جو حصو بڻائي ٿو سنڌ ۽ بلوچستان جي وڏن وزيرن جي نالن جو اڄ يا سڀاڻي اعلان ٿي ويندو خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته پيپلزپارٽي في الحال ڪابينا جو حصو نه ٿيندي ۽ ڪابينا جي جوڙجڪ شهباز شريف جو صوابديد آهي. سندس چوڻ هو ته پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جا گورنر پيپلزپارٽي جا هوندا. جڏهن ته سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مسلم نون جا هوندا. پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته سياست ۾ 5 ورهين جو معاهدو لکت ۾ نٿو ٿي سگهي، في الحال پ پ وفاقي ڪابينا ۾ شامل نه ٿيندي. پيپلزپارٽي وزيراعظم لاءِ ووٽ، اعتماد جو ووٽ ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر لاءِ ووٽ ڏيندي. هن چيو ته حڪومت جي قانون سازي ۾ مدد ڪئي ويندي، هو تنقيد براءِ اصلاح ڪندا، تنقيد براءِ تنقيد نه ڪندا. پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته اڃا ماڻهن جون نظرون بجيٽ ۽ آءِ ايم ايف ۾ آهن، نظر آيو ته حڪومت جي مجبوري آهي ته مدد ڪندا. سنڌ ۽ بلوچستان جي وڏن وزيرن جي نالن جو اڄ يا سڀاڻي اعلان ٿي ويندو.

بقايا *** 36

حڪومتون پنهنجي 5 سالن وارو آئيني مدو پورو ڪنديون. هن چيو ته نئون اين ايف سي ايوارڊ جيڪو هن وقت تائين نه ڏنو ويو آهي اهو اين ايف سي ايوارڊ جاري ڪيو ويندو جنهن تحت صوبن جو حصو وڌايو ويندو چاڪاڻ ته آئيني طور تي اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو نه وڌائي سگهجي ٿو پر گهٽائي نه ٿو سگهجي. هن چيو ته مضبوط صوبا مضبوط وفاق جي علامت هوندا آهن ان ڪري صوبائي خودمختياري تحت صوبن کي وڌيڪ معاشي طور مضبوط بڻايو ويندو. هن چيو ته ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي کان پوءِ جيڪي وزارتون وفاق کان صوبن ڏانهن منتقل نه ڪيون ويون انهن وزارتن کي صوبن ڏانهن منتقل ڪيو ويندو ۽ انهن وفاقي وزارتن جا خرچ صوبن ڏانهن منتقل ٿيڻ سان صوبا هيٺين سطح تائين بيروزگاري ۽ غربت جي خاتمي لاءِ وسيلا ڪتب آڻي سگهندا ۽ اهو ئي پيپلز پارٽيءَ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران عوامي معاشي معاهدي وارو منشور هيو جنهن تي عمل درآمد ڪرايو ويندو ته جيئن غريب عوام جي زندگي بهتر ٿي سگهي. هن چيو ته 18 هين ترميم ان ئي صورت ۾ برقرار رهندي ۽ 18 هين ترميم جي خالق آصف علي زرداري جي اها ڪوشش هوندي ته 18 هين ترميم تي من وعن عمل ڪرائجي ته جيئن ملڪ ۾ جمهوري ۽ سياسي استحڪام پيدا ٿئي ۽ جمهوريت وڌيڪ مضبوط ٿئي. هن چيو ته جيڪي ماڻهو چاهين پيا ته پارليامينٽ وجود ۾ نه اچي ۽ بحران پيدا ٿئي انهن کي منهن جي کائڻي پئجي وئي آهي. هن چيو ته وفاق ۾ ڪنهن به جماعت کي اڪثريت نه ملڻ سان ڪا به جماعت اڪيلي سر حڪومت نه پئي ٺاهي سگهي ان لاءِ پيپلز پارٽيءَ پارليامينٽ ۽ اسيمبلين کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ جمهوري ڪردار ادا ڪيو آهي ته جيئن حڪومت وجود ۾ اچي ۽ ملڪ کي ٻيهر چونڊن طرف نه وڃڻو پئي چاڪاڻ ته ملڪ ٻيهر چونڊن جو متحمل ٿي نه ٿو سگهي. هن وڌيڪ چيو ته آصف علي زرداري جي صدر هوندي صوبن جي وسيلن تي صوبن جو مڪمل حق تسليم ڪرايو ويندو. هن چيو ته سنڌ کي 1991ع واري پاڻي معاهدي تي عمل درآمد نه ٿيڻ ۽ سنڌ مان نڪرندڙ گيس جو حق صوبي کي نه ملڻ تي پڻ سخت اعتراض آهن. نئين وفاقي حڪومت کي سنڌ جي هنن خدشن کي ختم ڪرڻو پوندو چاڪاڻ ته پاڻي زندگي آهي ۽ سنڌ کي پاڻيءَ تي زيادتي ڪنهن به صورت ۾ برداشت ناهي اُن ڪري سنڌ کي پاڻيءَ، ٿاڻي ۽ گيس تي پنهنجو مڪمل حق ڏنو وڃي اميد آهي ته وفاقي حڪومت سنڌ کي پنهنجا جائز حق ڏيندي.

بقايا *** 37

جا ٻار نه هئا. انهن کي عمري تي نه وڃڻو هو عدالت چيو ته اسان شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو آهي، سومر تائين جواب ڏيو هي ڪيس ڪالهه مڪمل ٿيڻو هو پر اوهان جي ڪري مڪمل نه ٿي سگهيو ڇا اوهان کي عدالت جي آرڊر جي خبر نه هئي؟ جنهن تي ڊي سي اسلام آباد چيو ته هن ڪيس ۾ 18 ٻڌڻيون ٿيون ڪنهن به ٻڌڻي ۾ غير حاضر نه ٿيس، مان عدالتي توهين جو سوچي به نٿو سگهان، پنهنجو پاڻ کي هن عدالت جي رحم ڪرم تي ڇڏيان ٿو ٻڌڻي دوران ڊي سي اسلام آباد جي وڪيل راجه رضوان عباسي عدالت کي درخواست ڪئي ته اوهان ڪاوڙ ۾ آهيو هن ڪيس جي ڪجهه دير کان پوءِ ٻڌڻي رکو؟ جنهن تي جسٽس بابر چيو ته ڇا هاڻ اوهان جي مرضي موجب بينچ ٺهندي. ان دوران ايس ايس پي آپريشنز اسلام آباد جميل ظفر به عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت جي پڇائي تي ايس ايس پي آپريشن جميل ظفر پنهنجي موقف ۾ چيو ته اسان جو فوڪس اڳواڻن تي هو ان تي جسٽس بابر ستار پڇاڻو ڪيو ته هڪ ماڻهو اڳ ئي جيل ۾ آهي. ان سان ڇا ڪندو؟ ٻيهر ڪيس جيل ۾ وجهندو؟ جنهن تي ايس ايس پي جميل ظفر عدالت کان غير مشروط معافي گهري ورتي. جسٽس بابر ستار چيو ته هن ڪيس تي ايندڙ هفتي فيصلو ڏينداسين جنهن کان پوءِ ڌرين جا دليل مڪمل ٿيڻ کان پوءِ عدالت ڊي سي اسلام آباد جي غير مشروط معافي جي استدعا رد ڪري ڇڏي ۽ ڪيس پڙهيه وڃڻ کان به روڪي ڇڏيو عدالت ڊي سي اسلام آباد کي شوڪاز نوٽيس جو سومر تائين جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا *** 38

جي وفدن وچ ۾ ملاقات دوران بلوچستان ۾ حڪومت سازي تي صلاح مشورو ڪيو ويو . جي يو آءِ جي سيڪريٽري عبدالغفور حيدري جو چوڻ هو ته جي يو آءِ ۽ نون ليگ گهٽ ۾ گهٽ بلوچستان ۾ حڪومت ٺاهي سگهن ٿيون. ان تي ن ليگ اڳواڻ اسحاق ڊار چيو ته اسان چاهيون پيا ته گڏجي ڪم ڪيون پر اوهان گهڻي دير ڪري ڇڏي، گذريل چئن ڏينهن کان اوهان رابطو ڪري رهيا هئاسين پر رابطو نه ٿيو اسحاق ڊار جو چوڻ هو ته هاڻي پيپلز پارٽي سان معاهدو ڪري ورتو آهي.ن ليگ بلوچستان ۾ پ پ سان گڏجي حڪومت ٺاهيندي. اسحاق ڊار وڌيڪ چيو ته جي يو آءِ اسان جو پراڻو ساٿ آهي. اسان سرد موسم ۾ گڏ هليا آهيون. جي يو آءِ جي اڄ بابت اعليٰ قيادت کي آگاهه ڪيو ويندو. جو ته ان معاملي تي اعليٰ قيادت ئي ڪو فيصلو ڪري سگهي ٿي.

بقايا سنڌيار 01

احتجاجي مظاهرو ڪري تعليم کاتي توڙي ضلعي انتظاميان خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي شاگردن ۽ اسڪول جي پرنسپال غلام رباني ملڪ ۽استاد محمد اسحاق ادراڻي استاد خان محمد پيوداڻهيندي چيو ته ڪيترن ئي سالن کان اسڪول جو مرمتي ڪم نه ٿيڻ سبب ڪلاسن جون ڇتيون ڪري پيون آهن ۽ اسڪول ۾ بجلي ۽ پاڻي جي سهولت به ناهي نه وري فرنيچر جي پورائي آهي سندن چوڻ هو ته اهڙيون شڪايتون ڪيترا ئي ڀيرا تعليم کاتي جي اعلي عملدارن کي ڪيون آهن پر هن وقت تائين ڪو به تدارڪ ناهي ٿي سگهيو اسڪول انتظاميا جو وڌيڪ چوڻ هو ته هڪ پيرو هائير سيڪنڊري اسڪول جي مرمتي ڪم جو ٽينڊر به ٿيو هو جيڪو ڪاغذي ڪارروائي ۾ اسڪول جو مرمتي ڪم مڪمل ڄاڻائي ٺيڪيدار ضلعي انتظاميان توڙي تعليم کاتي جي عملدارن جي ملي ڀڳت سان بل رليز ڪرائي ويو جيڪا شاگردن توڙي اسڪول انتظاميان سان سراسر نا انصافي آهي مظاهرو ڪندڙ شاگردن توڙي اسڪول انتظاميان نئين نهندڙ حڪومت توڙي تعليم کاتي جي وزير کان مطالبو ڪيو ته بنا ڪنهن دير جي اسڪول جو مرمتي ڪم ڪرائي اسڪول ۾ سولر سسٽم ڪرائي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون معيا ڪري ڏنيون وڃن جئين شاگرد بهتر نموني سان تعليم پرائي سگهن

بقايا سنڌيار 02

۽ شفاف انڪوائري ڪرائڻ جي گهرڪندي مطالبو ڪيو آهي ته پيپر آئوٽ ڪرڻ ۾ ملوث ڪرپٽ آفيسرن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين عبرت ناڪ سزا ڏني وڃي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي انتظاميه جي اختيارن پاران هيءَ بهرين حرڪت ناهي ٿي. پر اهڙيون حرڪتون هر سال وقفي وقفي سان ٿينديون رهيون آهن ڪرپشن ۽ ڪميشن واري ڪلچر سنڌ جي هر اداري کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري سنڌ جي نگران حڪومت ۽ اعليٰ عدليه کي گهرجي ته مختلف ميگا اسڪينڊلز جي بنياد تي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن اندر انتظاميه زريعي ٿيندڙ امتحاني بيقاعدگين کان ويندي نتيجن جي هير ڦير، نوڪرين جي وڪري جي بازار ۽ پيپر ليڪ ٿيڻ جهڙن اسڪينڊلز جي بنياد تي شفاف ۽ انڪوائري آفيسرن تي مشتمل ڪميشن جوڙي ملوث ڪردارن کي سخت سزائون ڏئي عبرت جو نشانو بڻائڻ گهرجي ۽ ملوث آفيسرن جون نوڪريون ختم ڪيون وڃن جيڪي قوم جي مستقبل نرجوان نسل جي قسمت سان کلواڙ ڪري رهيا آهن. جماعت اسلامي سنڌ جي صوبائي امير اڄ هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته اڄ مئٽرڪ انٽر بورڊ کا وٺي سنڌ سروس پبلڪ ڪميشن تائين سنڌ جي ادارن جي نااهلي، غير شفافيت ۽ پنهنجا نوازي جي ڪري نوجوان نسل جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي جڏهن ته ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي جي ڪري ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ اسان هر فيلڊ ۾ پوئتي رهجي ويا آهيون. جيڪي نوجوان غريبي، مسڪيني ۽ سخت مشڪلات باوجود وڏي جاکوڙ سان ڪميشن جي امتحان جي تياري ڪري اچن ٿا پيپر آئوٽ ۽ سفارشي ڪلچر جي ڪري انهن جا خواب پورا ۽ سندن والدين جي اکين ۾ اڄ لوڪ آهن. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحاني نتيجا پڌرا ٿيڻ وقت ڪرپشن ۽ وڏي پيماني تي ڏيتي ليتي جون به شڪايتون اينديون رهيون آهن. پر افسوس جو اڄ تائين ڪنهن به آفيسر خلاف جوڳي ڪاروائي ناهي ٿي سگهي جنهن ڪري سنڌ جا غريب ۽ اهل اميدوار ميرٽ تي ملندڙ نوڪرين کان محروم آهن. سيڪنڊري اسڪول ٽيچر جو پيپر وڪرو ڪرڻ سنڌ جي تعليم تي خطرناڪ حملو آهي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن اهو عمل ورجائڻ سنڌ جي لکين اهل نوجوانن جي مستقبل سان مذاق ڪيو آهي. جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن هاڻي نوڪريون وڪرو ڪرڻ جي مارڪيٽ بڻيل آهي. ادارن جي ساک ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي شفافيت واري اعتماد جي بحالي ۽ صوبي جي انتظامي بهتري، ڪان ويندي اهليت ۽ بهتري لاءِ قومي ۽ صوبائي حڪومت تڪڙا،سخت ۽ ايمانداراڻا فيصلا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي. جماعت اسلامي سنڌ جي امير نگران وڏي وزير ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کان گهرڪئي ته سيڪنڊري اسڪول ٽيچر جو پيپر آئوٽ ڪرڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ فوري طور تي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي انتظاميا خلاف جاچ جو حڪم ڏئي ته جيئن پيپر آئوٽ ٿيڻ واري معاملي ۾ ملوث ڪردار واڪا ٿي سگهن.سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ استاد جي ڀرتي ۾ وارو عمل ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. پبلڪ سروس ڪميشن جا نتيجا ميرٽ تي شفافيت کي برقرار رکي جاري ڪرايا وڃن. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ٽيسٽ ڏيندڙ نوجوانن سان زيادتيون بند نه ڪيون ته سڄي سنڌ ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو#

بقايا سنڌيار 03

مستقبل سان کيڏي رهيو آهي، هنن چيو ته اسان سمجهون ٿا سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جون سڀ ڀرتيون مشڪوڪ ۽ اصولن جي خلاف آهن جنهن جي ڪري ايس پي ايس سي کي ڪالعدم قرار ڏئي، پيهر آئي بي اي اداري کان ٽيسٽ ورتي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 04

بيريسٽر ارسلان اسلام شيخ ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪندا. اهڙي آگاهي ڊي سي سکر فياض احمد مهيسر جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس جي ڪانفرنس روم ۾ ميان آدم محمد شاهه ڪلهوڙي جي ساليانو عرس جي انتظامن جي سلسلي ۾ ڪوٺايل اجلاس دوران درگاهه جي سجاده نشين ۽ عرس ڪميٽي جي چيئرمين ميان جهانگير عباسي پاران ڏني وئي. هن چيو ته ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي مذهبي شخصيت ۽ ميانوال تحريڪ ۾ سندس سياسي ڪردار تي روشني وجهڻ لاءِ عرس جي موقعي تي سيمينار پڻ ڪوٺايو ويندو جنهن ۾ ناليوارا اديب ۽ محقق پنهنجا مقالا پيش ڪندا. ڊي سي سکر فياض احمد مهيسر پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سڪيورٽي ۽ ٽريفڪ بابت ڪانٽيجنسي پلان جوڙيو وڃي ته جيئن ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي عرس جي موقعي تي ڪوبه اڻٽندڙ واقعو پيش نه اچي سگهي ۽ سڪيورٽي انتظام سخت ڪيا وڃن. هن سيپڪو انتظاميه کي عرس واري ڏينهن شام جو ڇهين وڳي کان رات جو 12 هين وڳي تائين لوڊشيڊنگ کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ان موقعي تي ڊي سي سکر ايم ايس سول اسپتال کي عرس جي موقعي تي ايمبولينس فراهم ڪرڻ ۽ ميڊيڪل قائم ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي. ڊي سي سکر ميونسپل انتظاميه کي هدايت ڪئي ته عرس جي موقعي تي آدم شاهه جي ٽڪري تي صفائي سٿرائي ۽ لائيٽنگ جو انتظام بهتر ڪيو وڃي. جڏهن ته بيلي کاتي کي عرس جي موقعي تي ٻوٽا پوکڻ جي هدايت پڻ ڪئي وئي. ڊي سي سکر فياض احمد مهيسر اسپيشل برانچ کي سڪيورٽي سبب واڪ ٿرو گيٽس لائڻ جي هدايت ڪئي) شهيد ميان آدم محمد شاهه ڪلهوڙو جو ساليانو عرس مبارڪ 7 کان 8 مارچ 2024 بمطابق 25، 26 شعبان المعظم 1445هه تي آدم شاهه جي ٽڪري سکر ۾ ملهايو ويندو. جنهن جو افتتاح ميئر سکر بيريسٽر ارسلان اسلام شيخ ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪندا. اهڙي آگاهي ڊي سي سکر فياض احمد مهيسر جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس جي ڪانفرنس روم ۾ ميان آدم محمد شاهه ڪلهوڙي جي ساليانو عرس جي انتظامن جي سلسلي ۾ ڪوٺايل اجلاس دوران درگاهه جي سجاده نشين ۽ عرس ڪميٽي جي چيئرمين ميان جهانگير عباسي پاران ڏني وئي. هن چيو ته ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي مذهبي شخصيت ۽ ميانوال تحريڪ ۾ سندس سياسي ڪردار تي روشني وجهڻ لاءِ عرس جي موقعي تي سيمينار پڻ ڪوٺايو ويندو جنهن ۾ ناليوارا اديب ۽ محقق پنهنجا مقالا پيش ڪندا. ڊي سي سکر فياض احمد مهيسر پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سڪيورٽي ۽ ٽريفڪ بابت ڪانٽيجنسي پلان جوڙيو وڃي ته جيئن ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي عرس جي موقعي تي ڪوبه اڻٽندڙ واقعو پيش نه اچي سگهي ۽ سڪيورٽي انتظام سخت ڪيا وڃن. هن سيپڪو انتظاميه کي عرس واري ڏينهن شام جو ڇهين وڳي کان رات جو 12 هين وڳي تائين لوڊشيڊنگ کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ان موقعي تي ڊي سي سکر ايم ايس سول اسپتال کي عرس جي موقعي تي ايمبولينس فراهم ڪرڻ ۽ ميڊيڪل قائم ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي. ڊي سي سکر ميونسپل انتظاميه کي هدايت ڪئي ته عرس جي موقعي تي آدم شاهه جي ٽڪري تي صفائي سٿرائي ۽ لائيٽنگ جو انتظام بهتر ڪيو وڃي. جڏهن ته بيلي کاتي کي عرس جي موقعي تي ٻوٽا پوکڻ جي هدايت پڻ ڪئي وئي. ڊي سي سکر فياض احمد مهيسر اسپيشل برانچ کي سڪيورٽي سبب واڪ ٿرو گيٽس لائڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا سنڌيار 05

وئي. ريلي کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار جلباڻي، پروفيسر عبدالسميع پنهور، غلام اڪبر خواجه، بچل هنگورو، شڪيل احمد شيخ، ڊاڪٽر حبيب گلال، مختيار موچائي، اصغر علي شاهه، شريف سومرو، مجاهد سامتيو، عمران راڄپر، دودل خان نوح پوٽو، پرويز احمد شر، قاسم شيخ، غلام اڪبر ميمڻ، جنسار سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي. سنڌ جي پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي سبجيڪٽ لازمي پڙهايو وڃي سرڪاري آفيسن ۾ سنڌي ٻولي دفتري ٻولي قرار ڏني وڃي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻولي پنج هزار سالن کان به وڌيڪ پراڻي ليڪن تنهن جي باوجود سنڌي ٻولي سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو هنن مطالبو ڪيو ته فورن سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي...

بقايا سنڌيار 06

اسلم ماروازي جي مسافر وين کي روڪي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر ستار منگسي، سڪندر ڪوڪر کي قائدآباد ڪراچي جي پوليس پاران ڪنيي ڪئي وئي مٿن هٽ نوڪير ڪيس داخل ڪرايو هو جيڪا مسافر وين ٽرانسپورٽر وين سروس ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي جي هئي. جنهن ڪيس جي ٻڌڻي مليرڪراچي جي عدالت ۾ ٿي گذري، جتي عدالت ٻنهي ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪيس جي پيروي نياليواري وڪيل نادر بروهي ۽ علي مدد ناريجو پاران ڪئي ويئي. جڏهن ته اسلم ماروازي کي ڀڄ هن کان اڳ ۾ آزاد ڪرايو ويو هو. ان موقعي تي ٽرانسپورٽر وين سروس ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي ٻڌايو ته ڪجهه وقت اڳ سنڌس ورتل مسافر وين کي قائد اباد ڪراچي جي پوليس پاران اسلم ماروازي جي مسافر وين سمجهي سنڌس مسافر وين جي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي گرفتار ڪري مٿن بلاجواز هٽ نوڪير ڪيس داخل ڪرائي ڪين گرفتار ڪرائي بيروزگار ڪري ڇڏيو هو. جيڪو ڪيس مليرجي عدالت ۾ هلندڙ هو. جتي سندن وڪيل نادر بروهي ۽ علي مدد ناريجو جا دليل عدالت ٻڌڻ بعد گرفتار ٿنهي جڻن کي عدالت باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي. سندس آزادي تي ٽرانسپورٽ وين سروس ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي ۽ ٻين پاران آزادي ماڻيندڙ وين ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي گلن جا هار وهرائي سندن استقبال ڪيو ان موقعي تي ٽرانسپورٽر وين سروس ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي چيو ته اسان مسافر وينن جي ڊرائيورن ۽ ڪنڊيڪٽرن جي مالڪي ڪريون ٿا ۽ سندس ڪوشش سان مذڪور وين ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي باعزت عدالت مان بري ڪرايو ويو آهي. جيڪي بيڏوهي هئا. جن تي داخل ڪرايل ڪيس هٽ نوڪير هو. جنهن ۾ ڪاب صداقت نه هئي، هن چيو ته عدالت ڪين پورو پورو انصاف فراهم ڪيو آهي. هن چيو ته هو ڪنهن به مسافر وين جي ڊرائيورن، ڪنڊيڪٽرن توڙي پسينجرن سان ڪاب زيادتي توڙي نا انصافي برداشت نه ڪندو، هن گهرڪئي ته بلاجواز مسافر وينن جي ڊرائيورن ۽ ڪنڊيڪٽرن کي پريشان ڪرڻ وارو عمل بند ڪري ڪين پريشان ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪري ڪين روزگار ڪرڻ ڏنو وڃي. ٻي صورت ۾ سائين ٿيندڙ ناانصافين تي اسان هرگز خاموش نه ويهنداسين.

بقايا سنڌيار 07

ياسر لاڙڪ سان گڏ پريس ڪلب نوشهروفيروز پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويل ٽريڊ يونين اڳواڻ اقبال لاڙڪ جي قاتلن جي گرفتاري“ لاءِ سپاهي ايس ايس پي آفيس اڳيان اعلانيل ڌرڻي کي ايس ايس پي نوشهروفيروز سهائي عزيز جي پاران قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ واري خاطري“ کان پوءِ ملتوي ڪرڻ لاءِ ايمپلائيز يونين کي درخواست ڪريون ٿا هنن چيو ته سپاهي وارو ڌرڻو هاڻي مرڪزي اڳواڻن سان مشاورت ڪرڻ کان پوءِ ايس ايس پي جي پاران ورتل مهلت ۽ وعدو وفا نه ڪرڻ تي پوءِ لڳايو ويندو اسان چاهيون ٿا ته شهيد اقبال جا قاتل جلد کان جلد گرفتار ڪيا وڃن ته جيئن سنڌس بيگناهه وهيل خون سان انصاف ٿي سگهي

بقايا سنڌيار 08

ڪندي چيو آهي ته حڪومت بجلي جي اگهن ۾ واڌ ڪانپوءِ گئس جي اگهن ۾ 193 سيڪڙو واڌ ڪري عوام کي غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري طرف ڌڪيو ويو آهي جيڪو عمل انتهائي افسوس جوڳو آهي حڪمران عوام جا مسئلا گهٽائڻ بجاءِ وڌائي عوام کان جيئڻ جو حق به کسيو پيو وڃي ملڪ جي عوام کي حق ۽ سهولتون ڏيڻ رياست جي ذميوار هوندي آهي پر ائين ڪرڻ بدران گيس جي اگهن ۾ واڌ ڪري عوام کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو آهي. بجلي ۽ گيس ڏينهون ڏينهن مهانگو ڪيو پيو وڃي جيڪا سراسر ناانصافي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ مختلف علائقن مان آيل شهرين جي وفدن سان ڳالهائيندي ڪيو، هن چيو ته وڌندڙ مهانگائي غريب عوام جو چيلهه چٻي ڪري ڇڏي آهي عام ماڻهون ٻن ويلن جي ماني لاءِ به پريشان آهن. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت گئس جي اگهن ۾ 193 سيڪڙو اضافو عوام دشمن عمل آهي هن چيو ته عوام جي مسئلن کي نظر ۾ رکندي مهانگائي، بجلي ۽ گيس جي قيمتن ۾ واڌ ڪري پنهنجي آسائشن جو بار عوام تي وجهڻ بجاءِ فوري طور تي گئس جي اگهن ۾ ڪيل واڌ جو فيصلو واپس وٺي ملڪ مان غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ قدم کنيا وڃن ته جيئن مهانگائي جي ور چڙهيل عوام کي ڪجهه رليف ملي سگهي.

بقايا سنڌيار 09

معززين جو ڪٺ، ايڪشن ڪميٽي قائم. ڪميٽي فوري مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ لائحه عمل جوڙي مرحلي وار جدوجهد جي عمل ڪرائڻ جي پابند هوندي. حبيب زيب خاصخيلي تفصيل موجب مليرجي علائقي شيدي ڳوٺ ۾ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ، منشيات جي کلي عام وڪري ۽ بدامني خلاف گذريل ڏينهن علائقي جي خاصخيلي، جوکيو عارفاني، بلوچ برادري جي معززن طرفان ڪٺ ڪيو ويو. جنهن ۾ 8 ڄڻن حبيب زيب خاصخيلي، صالح محمد خاصخيلي، نورالدين جوکيو، پير محمد جرڪيو، نواز علي خاصخيلي، علي بخش خاصخيلي، تنوير احمد عارفاني، خادم حسين جوکيو تي ٻڌل ايڪشن ڪميٽي جوڙي وئي ۽ فيصلو ڪيو ويو ته مسئلن جي فوري حل لاءِ ڪميٽي لائحه عمل جوڙي مرحلي وار جدوجهد تي عمل ڪرائيندي، ان موقعي تي علائقي معززين چيو ته بجلي ۽ پاڻي جي اڻاٺ سبب زندگي عذاب بڻجي وئي آهي منشيات کلي عام وڪرو ٿي رهي آهي جنهن سبب نوجوان سماجي برائين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن بدامني جوڙ چڙهيل آهي ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ درخواستون ڏنيون پر مسئلا حل نه ڪيا ويا مجبورن ڪٺ ڪوٺائي وئي آهي مسئلن جي فوري حل لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪا مستقبل جو لائحه عمل جوڙي ان تي عمل ڪرائڻ جو پابند هوندي.

بقايا سنڌيار 10

فياض حسين راهوجو پاران دادو ميونسپل ڪاميٽي ۾ پ پ سٽي صدر ۽ وائيس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي خالد ميراڻي ۽ سي ايم او اياز پنهور وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو نوٽيس وٺندي ٻنهي ڌرين کي ڳالهين لاءِ ڊي سي دادو آفيس ۾ گهرايو جتي پ پ سٽي صدر ۽ وائيس چيئرمين خالد حسين ميراڻي، پ پ تعلقه جنرل سيڪريٽري ڪائونسلر رفيق ميراڻي، سي ايم او اياز پنهور ۽ اڪائونٽنٽ جاويد راهوتو پهتا، ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد ڊي سي دادو ٻنهي ڌرين کي گڏ ڪري ڇڏيو، رابطو ڪرڻ تي سي ايم او اياز پنهور ٻڌايو ته آءُ لوڪل آرڊيننس 2017 ڪٿي ويس جنهن ۾ ڪٿي به وائيس چيئرمين جي ڪردار جو واضح لکيل نه آهي چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي کي مڪمل اختيار حاصل آهن. باقي هن منهنجي آفيس جو در پنجي منهنجي عهدي جي توهين ڪئي آهي. مان سنڌ جي ماتحت نه آهيان مان سرڪاري ملازم آهيان باقي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ويهي پنهنجا مسئلا حل ڪن. ٻي طرف دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين خالد ميراڻي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته سي ايم او ميونسپل اياز پنهور ڊي سي دادو آڏو پنهنجي ٻي وسي جو اظهار ڪيو آهي ته مون وٽ ڪجهه نه آهي چيئرمين مالڪ آهي سنڌس سان ڳالهيون ڪيو هاڻ پارٽي ليول تي ويهي ڳالهيون ڪيون .هاڻ اسان کي سي ايم او خلاف ڪا شڪايت هوندي ته ڊي سي دادو کي لکت ۾ شڪايت ڪبي باقي هاڻ اسان سي ايم او اياز پنهور خلاف احتجاج جو سلسلو بند ڪيون ٿا. جڏهن ته ڊي سي دادو جي ڳالهيون ڪرڻ بعد ٻئي ڌريون کير کنڊ ٿين بعد ڊي سي آفيس ٻاهريان فوٽو ڪيڏرائي روانا ٿي ويا.

بقايا سنڌيار 11

شاهزيب شيخ، اڳوڻي ڊي سي شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ، سپرنٽينڊنٽ امتياز علي ميمڻ، اڪائونٽنٽ نثار ڪنڊ، اسسٽنٽ ذوالفقار ڏهراج، اي ڊي سي ون دلشاد عمراڻي کي توهين عدالت جو نوٽيس جاري ڪندي 6 مارچ 2024 تي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا سنڌيار 12

ارٽي جي اعليٰ قيادت کان مطالبو ڪيو آهي ته پارٽي لاءِ شڪارپور پيو خاندان جي لازوال قربانين، صبر ۽ وفاداري کي تسليم ڪري ڪين ايوان ۾ يا سنڌ حڪومت سازي ۾ خاص عهدو ڏنو وڃي. شڪارپور، خيرپور، لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور، خيرپور، لاڙڪاڻو جي عوام ۽ پ پ جي باقي ڪارڪن جو حڪومت سازي ۾ جائز حصو اياز ميمڻ، حماس ميمڻ، طارق ميمڻ، جبار ميمڻ، عبدالباري، پ پ ان موقعي تي ڪارڪن رشيد چوهاڻ، عمران چنا، اميد علي، عرفان علي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته شڪارپور جي پيو خاندان، پيو ميمڻ قوم جي اڳواڻن مير بابل خان پيو سردار جاڳن خان پيو، مير عامرخان پيو مير عابد خان پيو گڏيل طور تي شهيد مير الطاف خان پيو جي ڊيڪرايل رستي تي عمل ڪندي پ ب جو ساٿ ڏنو هو. سياسي فيصلي جي نتيجي ۾ پ پ کي سڄي سنڌ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ شڪارپور جي پيو خاندان کي وڏو اعزاز حاصل آهي. آل ميمڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر اميد ڪئي آهي ته پ پ جي اعليٰ قيادت پنهنجي فيصلن تي نظرثاني ڪندي.

بقايا سنڌيار 13

ٽيڪنيڪل مسئلن ۾ ڦاسڻ نه گهرجي. انهن جو مقصد سستو ۽ تڪڙو انصاف هجڻ گهرجي. ضلعي بار جي ساليانو انسپيڪشن جي موقعي تي وڪيلن کي خطاب ڪندي هن چيو ته وڪيلن کي به گهرجي ته هو سائلن کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. محبوب علي جواهري وڌيڪ چيو ته ججن کي گهرجي ته هو بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءِ جي فيصلا ڪن. هن چيو ته اسان سڀني جي ترجيح عوام کي انصاف فراهم ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو غلط فيصلو آهي ته منهنجي نوٽيس ۾ آڻين ۽ عدالتي آفيسرن ۽ وڪيلن کي به پنهنجي صلاحيت وڌائڻ گهرجي ته جيئن غلطي جي گنجائش نه رهي. ان موقعي تي ميمبر سنڌ بار ڪائونسل عبدالستار لهراڻي، ضلعي بار جي صدر محمد اياز مري، جنرل سيڪريٽري شوڪت علي پوهيو، ارباب علي چانڊيو، لالا ايم حسن پناهه، محمد منل لوهاچ ۽ ٻين خطاب ڪندي سيشن جج محبوب علي جواهري جي خدمتن کي ساراهيو ۽ شڪايتون ۽ تجويزون پيش ڪيون ويون.

بقايا سنڌيار 14

ميونسپل ڪاميٽي دادو مسئلن جو ڳڙهه بڻيل دادو ميونسپل ڪاميٽي جا چونڊيل ڪائونسلرن ايم عمر پنهور، سعيد ملاح، حبيب ڪوريجو،اڳوڻي وائيس چيئرمين احمد نواز سولنگي، اختر حسين ميمڻ قربان چانڊيو، حاجي لياقت سومرو،حاجي لائق سولنگي ،منيراحمد ملاح،محمد اقبال راجا ڪوريجو، علي خان پنهور امتياز پنهور پارٽي جا ورڪر شهرين ۽ ٻين پريس ڪلب دادو اڳيان پارٽي جا جهنڊا کڻي احتجاج مظاهرو ڪري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پ پ سٽي جي صدر ۽ وائيس چيئرمين خالد حسين ميراڻي سي ايم او ميونسپل ڪاميٽي دادو جي آفيس ۾ ڪريل حرڪت ڪئي اسان سڀ اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا پاڪستان پيپلز پارٽي کي گهرجي جلد کان جلد نوٽيس ورتو وڃي سندن پارٽي جي عهدي تان هٽايو وڃي.

بقايا سنڌيار 15

تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو غلام سرور پنهور، بيلي کاتي جي آفيسر سيد غلام حسين شاهه، آزاد ٻڙدي ۽ ٻيا سائس گڏ هئا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ذرمون پاراڻي ڳالهائيندي چيو ته آلودگي کان پاڪ معاشري لاءِ ٻوٽا لڳائڻ ضروري آهن ڇو ته ٻوٽا نه صرف صحت، خوبصورتي سان گڏوگڏ انساني زندگين لاءِ به تمام گهڻي اهميت رکن ٿا ۽ ان مقصد جي حاصلات لاءِ ضلعي جي مڙني کاتن جا عملدار پنهنجن آفيسن اندر ٻوٽا ضرور لڳائين ته جيئن هڪ خوبصورت ۽ خوشگوار ماحول ميسر ٿي سگهي. جڏهن ته ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميه پاران ڀرپور سهڪار پڻ ڪيو ويندو ان موقعي تي بيلي کاتي جي فاريسٽ آفيسر سيد غلام حسين شاهه چيو ته هڪ خوشگوار ماحول بنائڻ لاءِ وڻڪاري ضروري آهي ۽ وڻ نه صرف لڳائڻ پر انهن جي سار سنڀال ڪرڻ پڻ ضروري هوندي آهي

بقايا سنڌيار 16

سنهون ٿين جو انديشو آهي هوڏاهن تازو ڪڻڪ جو اگهه چار هزار مقرر ٿين جون خبرون سوشل ميڊيا تي وائرل ٿين ڪري آبادگارن ۾ سخت مايوسي پکڙيل آهي .جڏهن ته يوريا ڀاڻ جي قيمتن ۾ اچانڪ واڌ سبب ايندڙ ووٽڻ جي فصل ۾ آبادگارن جي خرچن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو ان ڪري ڪڻڪ جو سرڪاري اگهه گهٽ ۾ گهٽ 6000 ڇهه هزار مقرر ڪيو وڃي آبادگار محمد صديق سنڌس مسافر ۽ وقار احمد چاموڙ جون سنڌ پريس ڪلب جي صحافين سان ڳالهيون هنن وڌيڪ چيو ته ڪڻڪ جو اگهه 4000 هزار مقرر ڪرڻ سان فصل تي ڪيل خرچ به نٿو لهي سگهي ان ڪري ڪڻڪ جو شروعاتي اگهه 6000 هزار مقرر ڪرڻ جو سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيون ٿا

بقايا سنڌيار 17

ڪلب ۾ لاهور جي علائقي ننڪانه صاحب جي ڳوٺ پديپور جي رهواسي 30 ساله عورت نصرت صديق پنهنجي گهر واري جاويد علي جمالي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته منهنجو لاهور مان جاويد سان سوشل ميڊيا تي رابطو ٿيو جنهن ڪانپوءِ آئون ٽنڊو محمد خان پهچي جاويد سان گڏ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ شادي ڪئي آهي. جنهن ڪانپوءِ منهنجي پيٽيو علي احمد ننڪانه صاحب پوليس اسٽيشن تي منهنجي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن تي پنجاب پوليس ۽ ٻيا هٿياربند ماڻهون سائنس گڏجي سنڌ ۾ مونکي ۽ منهنجي مڙس کي گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جون ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ هو اسان کي فون تي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اسان زال مڙس دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون. هن چيو ته منهنجو والد محمد صديق 2014 ۾ فوت ٿي ويو آهي جنهن ڪانپوءِ منهنجو پيٽيو علي احمد هر روز مون تي تشدد ڪندو هو ۽ منهنجي شادي منهنجي مرضي جي بغير زبردستي ڪرائڻ ٿي چاهي . جنهن تي آئون سنڌ پهچي پنهنجي پسند سان جاويد سان شادي ڪئي آهي ۽ جاويد مونکي سهارو ڏنو . هن آءِ جي سنڌ ۽ آءِ جي پنجاب کان مطالبو ڪيو آهي ته هٿياربندن خلاف ڪاروائي ڪري اسان کي حياتين جو تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 18

ڪري رهيو آهي. شڪايت ڪندڙ پنهنجون شڪايتون آن لائن يا ٽپال ذريعي داخل ڪري سگهن ٿا يا سادي ڪاغذ تي پنهنجي ويجهي وفاقي محتسب ريجنل آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهن ٿا. شڪايت ڪندڙن کي وفاقي محتسب وٽ پنهنجي شڪايت جي پيروي ڪرڻ لاءِ وڪيلن جي ضرورت ناهي. ان ڪري ڪنهن به شخص کي جنهن کي وفاقي کاتن خلاف شڪايت هجي ته هو پنهنجي شڪايت جي ازالي لاءِ وفاقي محتسب سان رابطو ڪري سگهي ٿو.

بقايا سنڌيار 19

احتجاج ڪيو ان موقعي تي محمد پٿو، صوبو پٿو مولري شبير احمد پٿو سان گڏجي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ڪجهه مهينا اڳ جوابدار موسيٰ پٿو مونکي ڌمڪي ڏني هئي ته بشما ڏي نه ته توکي ماري ڇڏينداسين جوابدار موسيٰ پٿو پاڻ سان گڏ ٻي مون تي حملو ڪري لٺين جا ڌڪ هڻي مونکان 50 هزار روڪ رقم کڻي ويا آهن اسان مياڻي ٿاڻي تي موسيٰ پٿو عيسيٰ پٿو سميت پنجن ماڻهن تي اين سي داخل ڪئي آهي پر هن وقت تائين پوليس جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي آهي نه وري ڪيس داخل ڪيو آهي. هنن ايس ايس پي بشير احمد بروهي کي اپيل ڪئي ته ڪيس داخل ڪري جوابدار گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 20

ڪيترائي معصوم ٻار موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. پر اڃان تائين صحت کاتو ڪو به نوٽيس ناهي ورتو ڪوهستان واسين صحت کاتي جي اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ڪوهستاني پٽي ۾ ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪلي بيمار ٻارڻ جو علاج ڪري سندن حياتيون بچايون وڃن.

بقايا سنڌيار 21

، پاڪستان اهو بدنصيب ملڪ آهي جتي حڪومت پهرين جوڙي وڃي ٿي ۽ چونڊون بعد ۾ ڪرايون وينديون آهن. عوامي مينڊيٽ تي ڌاڙي خلاف جمهوريت ۽ سولين بالادستي توڙي قانون جي حڪمراني لاءِ جماعت اسلامي پنهنجي پُرامن جدوجهد جاري رکندي. جعلي مينڊيٽ جي ڏي تي قائم ٿيندڙ حڪومت گهڻو دير هلي نه سگهندي. سڄي ملڪ خاص طور تي ڪراچي ۾ چوٿين نمبر تي ايندڙ دهشتگرد پارٽي کي آر اوز ذريعي ڪامياب قرار ڏئي چونڊن جو مذاق بڻايو ويو. جيستائين عوام جي ووٽ جي عزت ۽ ڪين پنهنجي مرضي جي قيادت جي چونڊ ڪرڻ جو موقعو نه ڏنو ويندو ان وقت تائين ملڪ ترقي ۽ بحرانن مان نڪرڻ مشڪل آهي. سنڌ ۾ صحافت جي آزادي هڪ خواب بڻجي چڪو آهي. صحافين مٿان ڪوڙا ڪيس، هراسمينٽ معمول بڻجي چڪو آهي. سکر جي سينئر صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي انجام تائين نه پهچائڻ سنڌ حڪومت جي نااهلي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر پريس ڪلب جي نئين چونڊيل صدر ظهير خان لوڌي جي مان ۾ ڏنل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي آيل مهمان کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ پارايو ويو ان موقعي تي جماعت اسلامي اڳواڻ اميد ظاهر ڪئي ته سنڌ جي ٽئين نمبر وڏي شهر سکر پريس ڪلب جون نئون چونڊيل صدر ۽ سنڌس ٽيم صحافت جي آزادي، مظلوم عوام جي دادرسي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. سينئر صحافي ۽ اي پي پي جو اڳوڻو بيورو چيف خواجه جاويد ۽ ٻيا پڻ ان موقعي تي موجود هئا.#

بقايا سنڌيار 22

هوندي به نه پهچي سگهي واقعي بعد متاثرن جو پوليس جي ناقص ڪارڪردگي خلاف احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي ويئي هنن انڊس هاءِ وي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 23

اخل. واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن پوليس تفصيل موجب پنڌائي آباد ۾ مگسي سنجراڻي جي ٻن گروپن جي جهيڙي ۾ مارجي ويل يوسي جي چيئرمين صابر مگسي جي تڏي تي ڪراچي جو ميئر مرتضي وهاب پهچي ويو، هن سنڌس وارثن سان تعزيت دوران مقتول جي قتل تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته واقعي کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ صابر مگسي مون سان ملاقات ڪري آيو هو انتهائي بهادر ۽ ملنسار جانٺو نوجوان هو آئون پاڻ آءِ جي سنڌ سان صابر جي قتل جي حوالي سان ڳالهائيندس. ٻئي پاسي صابر مگسي جي قتل جو ڪيس سنڌس سئوٽ عبدالله جي مدعيت ۾ مليرڪينٽ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي. ايف آئي آر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته منهنجي چاچا جو ڪيبل نيٽورڪ جو ڪاروبار آهي. منهنجو سئوٽ پنهنجي ٽن ساٿين سان ڪيبل جي تارجي خرابي کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ويو ته مخالف سنجراڻي گروپ جي 14 کان 15 ماڻهن ڪين ڪم کان روڪيو. جنهن جي اطلاع مون پنهنجي سئوٽ صابر مگسي کي ڏني هن چيو ته ٻاڙي جي ڳالهه آهي. اوهان ڳالهه کي نه وڌائيو جهيڙو جهٽو نه ڪجو آئون پهچان ٿو پر سنجراڻي گروپ جي ماڻهن 222 رائفل، پستول، لٺين ۽ لوهي سيخن سان اسان تي حملو ڪري ڏنو. مقتول صابر مگسي واقعي واري هنڌ پهتو ته ان تي چيو ته مونکي زخمي اسپتال کڻي وڃڻ ڏيو. ايتري ۾ مشتاق سنجراڻي مقتول صابر کي به گولي ماري وڌي، آئون صابر کي زخمي حالت ۾ اسپتال کڻي وڃي رهيو هوس ته هن رستي ۾ دم ڏنو. ان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا سنڌيار 24

جوابدار کي گرفتار ڪرڻ باوجود سنڌس خلاف ڪيس داخل نه ٿي ڪري متاثر ٽينگر جي وارثن جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 25

آپريشن ۾ يقيني ڪاميابي لاءِ گڏيل حڪمت عملي ۽ پلان آف ايڪشن ترتيب ڏيڻ ۽ فيصلن تي عملدرآمد جي حوالي سان سمورن معاملن ۽ قدمن تي غور ويچار ڪيو ويو ۽ ان حوالي سان فيصلا ڪن ٺوس ۽ موثر قدمن جي نظر ۾ رکندي ڪيا ويا اجلاس ۾ شرڪت ڪندي آر پي او بهاولپور، ڊي آءِ جيز سکر، لاڙڪاڻو انهن جي لاڳاپيل ايس ايس پيز ۽ ڊي پي اوز ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙن خلاف سنڌ ۽ پنجاب پوليس جي گڏيل حڪمت عملي ۽ قدمن جي نتيجن ۽ ڪاميابين بابت الڳ الڳ بريفنگ ڏني. جنهن ۾ گڏيل طور تي آپريشن جي حمايت ۽ منظوري ڏني وئي ۽ آءِ جي سنڌ چيو ته سنڌ ۽ پنجاب جي ڊورانهن علائقن مان شهرين کي فريب ۽ لالچ ذريعي هني ٽريپ جو شڪار بڻائڻ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي. سوشل ميڊيا ذريعي سڄي ملڪ مان معصوم شهرين کي نوڪرين، ڪاروبار، رشتا، پئسا ۽ سستي ڪارن وغيره ڏيڻ جو لالچ ڏنو پيو وڃي هن چيو ته اهڙن واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ ۽ پنجاب جي ٻرپاسي وارن علائقن ۾ قائم ڪيل پوليس چيڪ پوسٽن کي وڌيڪ فعال ۽ اثرائتو بڻايو وڃي ۽ گڏيل قدمن ۽ حڪمت عملي تحت هاءِ ويز تي گشت جي رينڊم اسنيپ چيڪنگ کي يقيني بڻايو وڃي. بازيابيءَ جي حوالي سان اغوا ٿيلن جي خاندانن سان مستقل رابطي لاءِ ميڪنزم قائم ڪيو وڃي آ، جي سنڌ گڏيل قدمن ۽ ڪاروائين کي ڪارائتو قرار ڏيندي چيو ته علائقن جي عوام جي سهڪار سان اوڄتو کان پڪي علائقن ۾ ايندڙن تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن.هن چيو ته بين الصوبائي اسٽريٽجڪ پلاننگ ۽ قدمن جي حوالي سان سنڌ ۽ پنجاب پوليس کي گهرجي ته هو ٻين سمورن اسٽيڪ هولڊرز، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گڏ ڪن ۽ ڪچي ۾ ڌاڙن جي خلاف قدمن ۽ انهن جي تجويزن، مشاورت ۽ سهڪار تي خاص ڌيان ڏين هن هدايت ڪئي ته سنڌ ۽ پنجاب پوليس جا ڊي آءِ جيز ڌاڙيلن خلاف بين الصوبائي حڪمت عملي ۽ ايڪشن پلان کي مضبوط ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ مضبوط، پائيدار ۽ فائديمند باهم رابطا ڪن ان موقعي تي اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ ٻنهي صوبن جي اعليٰ پوليس آفيسرن چيو ته ڌوهن/ ڦرلٽ جي خلاف اسان کي گڏيل حڪمت عملي ۽ رٿابندي، ۾ تبديلي آڻي مجموعي قدمن کي موثر بڻائڻو پوندو چاڪاڻ ته گڏيل حڪمت عمليون ۽ تدبيرون ئي روڪٿام جو واحد رستو آهن. ڪچ ۾ ڦرلٽ، ان جي خلاف ڪاميابي جي ضمانت سان گڏ هڪ مفيد حل پڻ آهي. اجلاس ۾ ڊي آءِ جي هيڊڪوارٽر سنڌ کان علاوه اسٽيبلشمينٽ جي آءِ جيز، ٽي اينڊ ٽي، آپريشنز، لاجسٽڪ ۽ ايڊمن سي پي اوز پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 26

پاران مغوين کي فوري طور بازياب ڪرائڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي

بقايا سنڌيار 27

مير نور احمد ٽالپر جي صدارت ۾ ٿي گڏجاڻي ۾ سنڌ حڪومت کان گهر ڪئي وئي ته سيڊا کي ختم ڪري سنڌ جا سمورا ڪئنال آبپاشي کاتي حوالي ڪيا وڃن ڦليلي ڪئنال ۾ 30 ميل تي لڳل ڏڪا بنا دير ختم ڪيا وڃن گڏجاڻي ۾ مطالبو ڪيو ويو ته 30 ميل تي ڦليلي ۾ لڳل ڏڪن جي ڪري گذريل سال اربين روپيا خرچ ڪري ڦليلي جا ڪير مٽي ڪرڻ باوجود ڦليلي ۾ پاڻي جي ڪوٽ ختم نه ٿي سگهي ۽ نه ئي ڦليلي ۾ پاڻي اضافي پاڻي ڪٿي سگهي الٽو ڦليلي جا ڪير وڌائين ۽ پڇنگ جي بهاني ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪئي وئي جنهن جي جانچ ڪرائي وڃي گڏجاڻي ۾ اهو به مطالبو ڪيو ويو ته بنا دير جي سکر ڏائون ڪي وڏائي ڪوٽڙي بيراج کي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي ڏنو وڃي ۽ سپريم ڪورٽ جي فيصلي موجب ڦليلي جي سمورن واهن ۽ شاخن کي پيش لاءِ پاڻي ڏنو وڃي ۽ نان پيرنيل واهن کي 15 اپريل کان بنا ڪنهن وارا بندي جي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي ڏيڻ لاءِ اڳواٽ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن ۽ بدين ضلع جي سمورن واهن شاخن جون ڪاٽيون بنا ڪنهن دير جي وقت سر ڪرايون وڃن ۽ ان سان گڏ برسات جي موسم کان اڳ بدين ضلع جي سمورن سم نالين جو ڪاٽيون ڪرايون وڃن بدين جي آباد گارن اهو به مطالبو ڪيو آهي ته اڪرم واهه مان پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪري ان کي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي ڏنو وڃي ۽ اڪرم واهه مان پاڻي چوري بند ڪري پاڻي چوري ڪندڙ بااثر آبادگارن خلاف بنا دير جي ايف آئي آر داخل ڪري انهن کي پاڻي چور ڪري گرفتار ڪيو وڃي اڪرم واهه جي آردي 95 وٽان ساڍا ٽي فٽ منهن وارو ناجائز ۽ غير قانوني واٽر ڪورس ذريعي پاڻي چوري ڪندڙ آبپاشي جي ڪرپٽ انجنيئر مير غلام علي ۽ ٻين باائرن خلاف پاڻي چوري ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري فورن گرفتار ڪيو وڃي ۽ سلطاني واهه شادي سمال واهه سميت جن ۾ واهن جي لائينگ جو ڪم هلندڙ آهي يا جن جي لائينگ جو ڪم تازو مڪمل ٿيو آهي انهن جي سي سي لائينگ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ئي ٽٽي ڪريڪ ٿي وئي آهي ان ۾ ٿيل ڪرپشن ۽ انهن جي ڪم ۾ استعمال ٿيندڙ ناقص ميٽيريل جي جانچ ڪرائي ملوث آفيسرن خلاف ٽيب ۾ ڪيس داخل ڪرائي ڪين گرفتار ڪيو وڃي گڏجاڻي ۾ سوات پروجيڪٽ تحت اڪرم واهه جي ٿيندڙ ريماڊلنگ تي ضلع بچايو تحريڪ سميت اسٽيڪ هولڊرز کي اعتماد ۾ نه وٺڻ تي خدشات جو اظهار ڪيو ويو مراد واهه ڊسٽري پير واهه امام واهه جنوبي سميت ماتلي سب ڊويزن جي واهن سان ناانصافي ختم ڪري انهن کي بنا دير پيشن جو پاڻي ڏنو وڃي ٻوڪيا واهه جي ڪمزور ٿيل ڪپرن کي مضبوط ڪري چانري شاخ سميت بدين ضلع جي جن ۾ واهن ۽ شاخن جي ريگيوليٽرس جا گيٽ ٽٽل آهن انهي بنا دير تبديل ڪيا وڃن گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ڦليلي ڪئنال ۾ وقت سر پاڻي نه ملڻ ۽ بدين ضلع ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ان صورت ۾ ضلع بچايو تحريڪ طرفان احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي گڏجاڻي ۾ بدين ضلع بچايو تحريڪ جي ڪنوينر مير نور احمد ٽالپر تي ٿيل حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي ۽ مطالبو ڪيو ويو ته حملي ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي گڏجاڻي ۾ حنيف نظاماڻي، خدادنو شاهه اعجاز احمداڻي پرويز آرائين، ايوب چاوڙو فهد حسن لغاري ايوب لغاري علي احمد اوبيجو حسن لغاري ديوان چندر ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 28

آهي. گورنر طور ڪامران ٽسوري جي ڪارڪردگي سٺي آهي. ڪامران ٽسوري کي ئي سنڌ جو گورنر رهڻ ڏجي مصطفيٰ ڪمال چيو ته اسان نه ٿا چاهيون ته سنڌ جي گورنرشپ تي ڪو بحث ٿئي. ايم ڪيو ايم وٽ ڪراچي جو 80 سيڪڙو ۽ حيدرآباد جو سئو سيڪڙو مينڊيٽ آهي. تنهن ڪري گورنر به ايم ڪيو ايم جو ٿيڻ گهرجي. حڪومت ۾ نالي ماتر رهڻ نه ٿا چاهيون بلدياتي ادارن کي خودمختيار بڻائڻ لاءِ 3 آئيني ترميمن تي حمايت حاصل ڪرڻ اسان جي ترجيح آهي

بقايا سنڌيار 29

نتيجي ۾ پوليس هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪري ورتا آهن ترجمان محمد بخش بلوچ جي جاري ڪيل بيان موجب مارجي ويل ڏوهاري ڦرن ڌاڙن پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ جميل ميربحر جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته زخمي گرفتار ڏوهاري جي وڌيڪ ڪرمنل رڪارڊ بابت پوليس ٿاڻن ۽ مختلف ضلعن مان وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته مقابلي دوران سندس جا ٻه ساٿي فرار ٿي ويا جن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي

بقايا سنڌيار 30

جو وجود ئي ناهي سکر کي صاف سٿرو بڻائڻ لاءِ من پسند ڪمپني کي ڪروڙن روپين جو ٺيڪو ڏئي نوازڻ جي ڪوشش ڪمپني اندر صفائي جو عملو غير مسلم بدران مسلم ڀرتي ڪرڻ جو انڪشاف اصل حقدارن جو حق ماري چڙهيو ڀرتي ٿيل سوئيپر مسلم ڏينهن بدران رات جي اونداهي ۾ سياستدانن جي گهرن ويجهو روڊن جون صفايون ڪرڻ لڳا باقي شهر جي رستن تي گند ڪچري جا ڍير لڳل آهن جنهن سبب بدبوءِ پکڙجڻ ڪري شهري مختلف چمڙي جي بيمارين ۾ ورتجڻ لڳا ميونسپل ڪارپوريشن ڪروڙين رپيا من پسند ٺيڪيدار کي ڏيڻ جو اعلا اختيارين نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪري ڪمپني کي بليڪ لسٽ ڪيو وڃي تفصيل موجب سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني ڪي سکر جي بااثر سياستدانن جي فرنٽ مين ڪي سکر شهر اندر صفائي سترائي لاءِ ڪروڙن رپين جو ٺيڪو ميونسپل ڪارپوريشن پاران ڏئي نوازڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن چند سوئيپر گهٽ پگهار تي مسلم ڀرتي ڪري غير مسلم سوئيپرن کان ڪم ڪرائڻ لڳا جيڪي صبح جي وقت روڊن تي ٻهاري ڏيڻ توڙي ناليون صاف ڪرڻ بدران رات جي اونداهي ۾ ڪم ڪرڻ لڳا پراهي سولڊ مئنيجمينٽ ڪمپني جا مسلم سوئيپر رات جي وقت سکر جي سياستدانن توڙي بااثر ماڻهن جي بنگلن آڏو روڊن تان صفائي ڪري غائب ٿي وڃن ٿا ۽ شهر جا مک چوڪ گهنٽا گهر اسٽيشن روڊ ، شاهي بازار، غريب آباد، واري تڙ، تير چوڪ ۽ ٻين هنڌن تي ڪچري جا ڍير لڳل آهن هي ڪمپني کلي عام ليبر قانون خلاف غير قانوني ڪم ڪري رهي آهي ننڍڙي عمر وارا ٻارڙا به ڪمپني اندر ملازم طور ڀرتي ڪري چائلڊ پروٽيڪشن واري قانون جون ڌڄيون اڏاري ڇڏيون آهن ان خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڪو به تيار ناهين سڄاڻ ڌرين شهرين پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته اهڙي سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني جي جعلسازي ذريعي ڪروڙن رپين جو صفائي وارو ٺيڪو من پسند ڪمپني کي ڏيڻ جي شفاف جاچ ڪري ملوث ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري سنڌ سرڪار جي خزاني کي چونو لڳائيندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڪمپني کي بليڪ لسٽ ڪري ڪنهن ٻئي ڪمپني کي صفائي وارو ٺيڪو ڏئي شهر کي صاف سٿرو بڻائي شهرين کي مختلف وچڙندڙ بيمارين مان جان آجي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 31

منعقد.26 فيبروري 2024 کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم بابت پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج شڪارپور ۾ سيمينار ٿي گذريو سيمينار ۾ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر شڪارپور ڊاڪٽر پرويز احمد سومرو ، ڊسٽرڪٽ پوليو فوڪل پرسن، پرنسپال پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج شڪارپور ۽ ٻين شرڪت ڪئي. پوليو بابت سيمينار ۾ پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج شڪارپور جي شاگردن ۽ شاگردياڻين تقريرون ڪيون. سيمينار سان خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ موذي مرض آهي. جيڪڏهن توهان جي آس پاس پوليو وائرس موجود آهي ته ان کان بچاءَ جو واحد حل صرف پوليو کان بچاءَ جا قطرا آهن هن چيو ته 5 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا هر مهم ۾ لازمي پيارا وڃن ته جيئن ڪو به ٻار هن موذي مرض جو شڪار نه ٿي. ٻئي پاسي لکي غلام شاهه ۾ ايم پي اي محمد عارف خان مهر تعلقه اسپتال لکي غلام شاهه ۾ 5 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا پيارڻ جي 26 فيبروري کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي ايم پي اي محمد عارف خان مهر چيو ته والدين کي اپيل آهي ته هو پوليو ٽيمن سان مڪمل تعاون ڪن ته جيئن ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي قطرن پيئڻ کان رهجي نه سگهي. ان موقعي تي ڳالهائيندي ايم پي اي چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي ان جي بچاءُ لاءِ جيڪي انتظام گورنمينٽ ڪيا آهن اهي ساراهه جوڳا آهن هن يوسي چيئرمين کي چيو ته هو پنهنجي يوسيز ۽ پنهنجي علائقن ۾ پوليو ٽيمن سان ڀرپور تعاون ڪن ۽ 5 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا پيارڻ ۾ مدد ڪن

بقايا سنڌيار 32

سلسلو هلندڙ ڪراچي جي پي ايس 98 تي چونڊ وڙهندڙ ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي“ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر حاڪم علي جسڪاڻي“ يوسي 03 جو چيئرمين تاج محمد وسان“ ته تعزيت لاءِ وارثن وٽ پهتا نوجوان صابر مگسي“ جي بيرحمانڻي قتل تي دلي صدمو رسيو آهي آ“ جي سنڌ کان واقعي جو نوٽيس وٺي قاتل گرفتار ڪرايو: حاڪم علي جسڪاڻي ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان سنجراڻي ۽ مگسي برادري جي جهيڙي ۾ مارجي ويل يوسي 09 بختاور ڳوٺ جي چيئرمين صابر علي مگسي جي وارثن جي“ ۽ خادم حسين مگسي چاچو حاجي غلام حسين محمد صالح مگسي گوهر مگسي ڏتي بخش مگسي مامو جنگي خان مگسي حميد مگسي نوروز مگسي ۽ ڪرم علي خان مگسي“ سان ڪراچي جي پي ايس 98 تي چونڊ وڙهندڙ ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي“ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر حاڪم علي جسڪاڻي ڪائونسلر غلام سرور پٿو چاچا لياقت بليدي محمد يعقوب سولنگي ڪائونسلر رجب لاشاري حفيظ الله مارفاڻي عنايت مارفاڻي ۽ ٻين تڏي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي پ پ سنڌ ڪائونسل ميمبر حاڪم علي جسڪاڻي ۽ چيئرمين يوسي 03 سچل تاج محمد وسان“ چيو ته يوسي 09 بختاور ڳوٺ جي چيئرمين صابر علي مگسي“ جي بيرحمانڻي قتل جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي آ“ جي سنڌ کي هن واقعي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي هنن چيو ته ڪراچي ۾ خاص ڪري سنڌي وسندين ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي جنهن جو اعليٰ اختياري نوٽيس وٺڻو پوندو نوجوان صابر مگسي“ جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي وارث جيڪو به فيصلو ڪندا اسان ساڻن گڏ هونداسين

بقايا سنڌيار 33

شوڪاز نوٽيس جاري خبر موجب ايس ايس پي بدين مير روحيل کوسو ضلع ۾ منشيات فروشي ۾ ملوث ۽ منشيات فروشن جو سهڪاري هئڻ ۽ ڀتو وصول ڪرڻ جي عوامي شڪايتن تي جاچ ڪرڻ بعد ڪاروائي ڪندي هڪ سب انسپيڪٽر 3 ايس ايس آئيز 4 هيڊ ڪانسٽيبل سميت مختلف ٿاڻن برانچن ۾ مقرر اهلڪارن سميت 34 ڄڻن پوليس اهلڪارن کي معطل ڪري لائين حاضر ڪرڻ بعد ڪين شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن منشيات فروشي ۽ منشيات فروشن جو سهولتڪار هجڻ جي الزام هيٺ معطل ٿيلن ۾ لواري شريف پوليس پوسٽ جو انچارج سب انسپيڪٽر بشير خاصخيلي بدو قمبراڻي صابن دستي نيو دمبالو قلڪارا پوليس پوسٽ جي چيڪ پوسٽن جا انچارج اي ايس آءِ ذوالفقار علي نظاماڻي اصغر جت انور ڪلوڙي سي آءِ اي ٿاڻي جو وڏو منشي قادر بخاري هيڊ ڪانسٽيبل رمضان ملاح بدين ٿاڻي پوليس پوسٽ ٿاڻي ۽ ٽنڊو باگو ٿاڻي جا ننڍا منشي محمد علي چانڊيو سرفراز جاکرو نثار احمد چانڊيو اي ايس پي بدين ۽ ماتلي جي آفيس ۾ ڪم ڪرندڙ سپاهي علي محمد ملاح عبدالغني فياض ٻرڳڙي هيڊ ڪانسٽيبل عرس لند ڊي آءِ جي آفيس برانچ جي سپاهي راشد علي سميت 34 اهلڪار معطل ڪندي ڪين لائين حاضر ڪري ڇڏيو آهي معطل ٿيل آفيسرن ۽ جوانن کي شوڪاز نوٽيس ڪندي 14 ڏينهن اندر جواب داخل ڪرائڻ ٻي صورت قانوني ڪاروائي کي منهن ڏيڻ لاءِ چيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 34

ڪندي عوامي پريس ڪلب مليرجي صدر سامي ميمڻ چيو ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي. نجي توڙي اين جي اوز جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي لازم قرار ڏني وڃي. سنڌي ٻولي شاهوڪار ٻولي آهي جيڪا صدين جي تاريخ رکي ٿي. سنڌي ادب وٽ سگهارو ادب موجود آهي. وڏو الميو اهو آهي ته اسان جي پرائمري اسڪولن ۾ سهولتن جي اڻاٺ آهي ۽ پرائيويٽ اسڪولن مان سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي آهي. قادر ڏرس ۽ سيد سڄاد علي شاهه چيو ته سنڌي ٻولي قديمي ٻولين مان هڪ آهي. جنهن وٽ گرامر آهي ۽ لکڻ پڙهڻ جي وڏي گنجائش آهي. سنڌي ٻولي سان تعصب وارو رويو اختيار ڪيو ويو آهي. جمشيد زهرائي، فاروق پنهور ۽ اير زمان جرڪيو چيو ته سنڌي ٻولي کي ڪيترائي خطرا لاحق آهن اسان کي پنهنجي ٻولي جي حفاظت پاڻ ڪرڻي پوندي. اسان کي گهرجي ته [illegible]

سيد عطاءالله شاهه بخاري جي عبدالعزيزجوڻيجو جي وفات تي تعزيت

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) درگاهه قمبرشريف جي بزرگ سيد عطاءالله شاهه بخاري جي اڳوڻي ايم پي اي عبدالعزيزجوڻيجو جي وفات تي تعزيت، خبرموجب: اڳوڻي پ پ ايم پي اي مرحوم انجنيئر عبدالعزيزجوڻيجو جي وفات تي درگاهه قمبروارا سائين سيد عطاءالله شاهه بخاري ڪي اين شاهه پرسان جوڻيجا هائوس خاٽيرجوڻيجو پهچي انجنيئر عبدالعزيزجوڻيجو جي پاٽيجي پ پ اڳواڻ زبيراحمد خان جوڻيجو، فرزند جونيئر اميربخش خان جوڻيجو، عبدالحليم خان جوڻيجو سان تعزيت ڪري گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو، جنهن بعد سيد عطاءالله شاهه بخاري مزار شريف پهچي عبدالعزيزجوڻيجو، حاجي اميربخش خان جوڻيجو، قمرالدين جوڻيجو، شهيد فهد عزيزجوڻيجو جي بلند درجات لاءِ دعا پڻ گهري، ان موقعي تي مولوي ساجد علي ڪلهوڙو، غلام عباس جوڻيجو، ظهرعباس جوڻيجو، سيد احمد شاهه، ممتاز علي ملاح، فقير غلام حسين ۽ فقراءِ حسيني جماعت وڏي انگ ۾ موجود هئا.

ڏني وئي ا، جي سنڌ چيو ته سنڌ ۽ پنجاب جي ڊورانهن علائقن مان شهرين کي فريب ۽ لالچ ذريعي هني ٽريپ جو شڪار بڻائڻ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي. سوشل ميڊيا ذريعي سڄي ملڪ مان معصوم شهرين کي نوڪرين، ڪاروبار، رشتا، پئسا ۽ سستي ڪارن وغيره ڏيڻ جو لالچ ڏنو پيو وڃي هن چيو ته اهڙن واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ ۽ پنجاب جي ٻرپاسي وارن علائقن ۾ قائم ڪيل پوليس چيڪ پوسٽن کي وڌيڪ فعال ۽ اثرائتو بڻايو وڃي ۽ گڏيل قدمن ۽ حڪمت عملي تحت هاءِ ويز تي گشت جي رينڊم اسنيپ چيڪنگ کي يقيني بڻايو وڃي. بازيابيءَ جي حوالي سان اغوا ٿيلن جي خاندانن سان مستقل رابطي لاءِ ميڪنزم قائم ڪيو وڃي آ، جي سنڌ گڏيل قدمن ۽ ڪاروائين کي ڪارائتو قرار ڏيندي چيو ته علائقن جي عوام جي سهڪار سان اوڄتو کان پڪي علائقن ۾ ايندڙن تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن.هن چيو ته بين الصوبائي اسٽريٽجڪ پلاننگ ۽ قدمن جي حوالي سان سنڌ ۽ پنجاب پوليس کي گهرجي ته هو ٻين سمورن اسٽيڪ هولڊرز، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گڏ ڪن ۽ ڪچي ۾ ڌاڙن جي خلاف قدمن ۽ انهن جي تجويزن، مشاورت ۽ سهڪار تي خاص ڌيان ڏين هن هدايت ڪئي ته سنڌ ۽ پنجاب پوليس جا ڊي آءِ جيز ڌاڙيلن خلاف بين الصوبائي حڪمت عملي ۽ ايڪشن پلان کي مضبوط ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ مضبوط، پائيدار ۽ فائديمند باهم رابطا ڪن ان موقعي تي اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ ٻنهي صوبن جي اعليٰ پوليس آفيسرن چيو ته ڌوهن/ ڦرلٽ جي خلاف اسان کي گڏيل حڪمت عملي ۽ رٿابندي، ۾ تبديلي آڻي مجموعي قدمن کي موثر بڻائڻو پوندو چاڪاڻ ته گڏيل حڪمت عمليون ۽ تدبيرون ئي روڪٿام جو واحد رستو آهن. ڪچ ۾ ڦرلٽ، ان جي خلاف ڪاميابي جي ضمانت سان گڏ هڪ مفيد حل پڻ آهي. اجلاس ۾ ڊي آءِ جي هيڊڪوارٽر سنڌ کان علاوه اسٽيبلشمينٽ جي آءِ جيز، ٽي اينڊ ٽي، آپريشنز، لاجسٽڪ ۽ ايڊمن سي پي اوز پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 36

اسلم ماروازي جي مسافر وين کي روڪي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر ستار منگسي، سڪندر ڪوڪر کي قائدآباد ڪراچي جي پوليس پاران ڪنيي ڪئي وئي مٿن هٽ نوڪير ڪيس داخل ڪرايو هو جيڪا مسافر وين ٽرانسپورٽر وين سروس ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي جي هئي. جنهن ڪيس جي ٻڌڻي مليرڪراچي جي عدالت ۾ ٿي گذري، جتي عدالت ٻنهي ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪيس جي پيروي نياليواري وڪيل نادر بروهي ۽ علي مدد ناريجو پاران ڪئي ويئي. جڏهن ته اسلم ماروازي کي ڀڄ هن کان اڳ ۾ آزاد ڪرايو ويو هو. ان موقعي تي ٽرانسپورٽر وين سروس ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي ٻڌايو ته ڪجهه وقت اڳ سنڌس ورتل مسافر وين کي قائد اباد ڪراچي جي پوليس پاران اسلم ماروازي جي مسافر وين سمجهي سنڌس مسافر وين جي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي گرفتار ڪري مٿن بلاجواز هٽ نوڪير ڪيس داخل ڪرائي ڪين گرفتار ڪرائي بيروزگار ڪري ڇڏيو هو. جيڪو ڪيس مليرجي عدالت ۾ هلندڙ هو. جتي سندن وڪيل نادر بروهي ۽ علي مدد ناريجو جا دليل عدالت ٻڌڻ بعد گرفتار ٿنهي جڻن کي عدالت باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي. سندس آزادي تي ٽرانسپورٽ وين سروس ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي ۽ ٻين پاران آزادي ماڻيندڙ وين ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي گلن جا هار وهرائي سندن استقبال ڪيو ان موقعي تي ٽرانسپورٽر وين سروس ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي چيو ته اسان مسافر وينن جي ڊرائيورن ۽ ڪنڊيڪٽرن جي مالڪي ڪريون ٿا ۽ سندس ڪوشش سان مذڪور وين ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر کي باعزت عدالت مان بري ڪرايو ويو آهي. جيڪي بيڏوهي هئا. جن تي داخل ڪرايل ڪيس هٽ نوڪير هو. جنهن ۾ ڪاب صداقت نه هئي، هن چيو ته عدالت ڪين پورو پورو انصاف فراهم ڪيو آهي. هن چيو ته هو ڪنهن به مسافر وين جي ڊرائيورن، ڪنڊيڪٽرن توڙي پسينجرن سان ڪاب زيادتي توڙي نا انصافي برداشت نه ڪندو، هن گهرڪئي ته بلاجواز مسافر وينن جي ڊرائيورن ۽ ڪنڊيڪٽرن کي پريشان ڪرڻ وارو عمل بند ڪري ڪين پريشان ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪري ڪين روزگار ڪرڻ ڏنو وڃي. ٻي صورت ۾ سائين ٿيندڙ ناانصافين تي اسان هرگز خاموش نه ويهنداسين.

بقايا سنڌيار 37

جو وجود ئي ناهي سکر کي صاف سٿرو بڻائڻ لاءِ

نوازڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن چند سوئيپر گهٽ پگهار تي مسلم ڀرتي ڪري غير مسلم سوئيپرن کان ڪم ڪرائڻ لڳا جيڪي صبح جي وقت روڊن تي ٻهاري ڏيڻ توڙي ناليون صاف ڪرڻ بدران رات جي اونداهي ۾ ڪم ڪرڻ لڳا پراهي سولڊ مئنيجمينٽ ڪمپني جا مسلم سوئيپر رات جي وقت سکر جي سياستدانن توڙي بااثر ماڻهن جي بنگلن آڏو روڊن تان صفائي ڪري غائب ٿي وڃن ٿا ۽ شهر جا مک چوڪ گهنٽا گهر اسٽيشن روڊ ، شاهي بازار، غريب آباد، واري تڙ، تير چوڪ ۽ ٻين هنڌن تي ڪچري جا ڍير لڳل آهن هي ڪمپني کلي عام ليبر قانون خلاف غير قانوني ڪم ڪري رهي آهي ننڍڙي عمر وارا ٻارڙا به ڪمپني اندر ملازم طور ڀرتي ڪري چائلڊ پروٽيڪشن واري قانون جون ڌڄيون اڏاري ڇڏيون آهن ان خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڪو به تيار ناهين سڄاڻ ڌرين شهرين پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته اهڙي سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني جي جعلسازي ذريعي ڪروڙن رپين جو صفائي وارو ٺيڪو من پسند ڪمپني کي ڏيڻ جي شفاف جاچ ڪري ملوث ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري سنڌ سرڪار جي خزاني کي چونو لڳائيندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڪمپني کي بليڪ لسٽ ڪري ڪنهن ٻئي ڪمپني کي صفائي وارو ٺيڪو ڏئي شهر کي صاف سٿرو بڻائي شهرين کي مختلف وچڙندڙ بيمارين مان جان آجي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 38

، پاڪستان اهو بدنصيب ملڪ آهي جتي حڪومت پهرين جوڙي وڃي ٿي ۽ چونڊون بعد ۾ ڪرايون وينديون آهن. عوامي مينڊيٽ تي ڌاڙي خلاف جمهوريت ۽ سولين بالادستي توڙي قانون جي حڪمراني لاءِ جماعت اسلامي پنهنجي پُرامن جدوجهد جاري رکندي. جعلي مينڊيٽ جي ڏي تي قائم ٿيندڙ حڪومت گهڻو دير هلي نه سگهندي. سڄي ملڪ خاص طور تي ڪراچي ۾ چوٿين نمبر تي ايندڙ دهشتگرد پارٽي کي آر اوز ذريعي ڪامياب قرار ڏئي چونڊن جو مذاق بڻايو ويو. جيستائين عوام جي ووٽ جي عزت ۽ ڪين پنهنجي مرضي جي قيادت جي چونڊ ڪرڻ جو موقعو نه ڏنو ويندو ان وقت تائين ملڪ ترقي ۽ بحرانن مان نڪرڻ مشڪل آهي. سنڌ ۾ صحافت جي آزادي هڪ خواب بڻجي چڪو آهي. صحافين مٿان ڪوڙا ڪيس، هراسمينٽ معمول بڻجي چڪو آهي. سکر جي سينئر صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي انجام تائين نه پهچائڻ سنڌ حڪومت جي نااهلي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر پريس ڪلب جي نئين چونڊيل صدر ظهير خان لوڌي جي مان ۾ ڏنل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي آيل مهمان کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ پارايو ويو ان موقعي تي جماعت اسلامي اڳواڻ اميد ظاهر ڪئي ته سنڌ جي ٽئين نمبر وڏي شهر سکر پريس ڪلب جون نئون چونڊيل صدر ۽ سنڌس ٽيم صحافت جي آزادي، مظلوم عوام جي دادرسي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. سينئر صحافي ۽ اي پي پي جو اڳوڻو بيورو چيف خواجه جاويد ۽ ٻيا پڻ ان موقعي تي موجود هئا.#

بقايا سنڌيار 39

جو وجود ئي ناهي سکر کي صاف سٿرو بڻائڻ لاءِ من پسند ڪمپني کي ڪروڙن روپين جو ٺيڪو ڏئي نوازڻ جي ڪوشش ڪمپني اندر صفائي جو عملو غير مسلم بدران مسلم ڀرتي ڪرڻ جو انڪشاف اصل حقدارن جو حق ماري چڙهيو ڀرتي ٿيل سوئيپر مسلم ڏينهن بدران رات جي اونداهي ۾ سياستدانن جي گهرن ويجهو روڊن جون صفايون ڪرڻ لڳا باقي شهر جي رستن تي گند ڪچري جا ڍير لڳل آهن جنهن سبب بدبوءِ پکڙجڻ ڪري شهري مختلف چمڙي جي بيمارين ۾ ورتجڻ لڳا ميونسپل ڪارپوريشن ڪروڙين رپيا من پسند ٺيڪيدار کي ڏيڻ جو اعلا اختيارين نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪري ڪمپني کي بليڪ لسٽ ڪيو وڃي تفصيل موجب سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني ڪي سکر جي بااثر سياستدانن جي فرنٽ مين ڪي سکر شهر اندر صفائي سترائي لاءِ ڪروڙن رپين جو ٺيڪو ميونسپل ڪارپوريشن پاران ڏئي نوازڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن چند سوئيپر گهٽ پگهار تي مسلم ڀرتي ڪري غير مسلم سوئيپرن کان ڪم ڪرائڻ لڳا جيڪي صبح جي وقت روڊن تي ٻهاري ڏيڻ توڙي ناليون صاف ڪرڻ بدران رات جي اونداهي ۾ ڪم ڪرڻ لڳا پراهي سولڊ مئنيجمينٽ ڪمپني جا مسلم سوئيپر رات جي وقت سکر جي [illegible]

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com